## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي شاعري جو ڪتاب **”ڪڏهن ورندين“** شاعر **صابر سيدپوري** جو سن 2017ع ۾ اداري رم جهم پبليڪيشن دادو طرفان ڇپايو ويو آهي. هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ عمران انجم سومرو ڪئي آهي ۽ جنهن جي اِي ڪمپوزنگ عبدالجبار شيخ ڪئي آهي.

صابر سيدپوري جي شاعري سندس جذبن جي عڪاس آهي. جنهن ۾ شعوري سگهه به آهي ته داخلي حساڪي به سندس پيغام ڇٽو ۽ ڏاهپ تي مبني آهي پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن کي اهڙي ته سهڻي انداز ۾ پوئي اڳيان رکندو جو سڀ ويٺل ۽پڙندڙ داڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا.

هي سادو ۽ سباجهو ماڻهو آهي جنهن ڪري سندس دل شيشي جيان صاف ۽ شفاف آهي هن جو ذهن آدرشي آهي سچ چوڻ کان نه گهبرائيندو آهي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**





ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪڏهن ورندين
شاعر: صابر سيد پوري
لي آئوٽ ڊزائننگ: برڪ ڪميونيڪيشن ڪراچي.
سال: 2017ع
ڪمپوزنگ: عمران انجم سومرو
اِي ڪمپوزنگ: عبدالجبار شيخ سکر
ڇپيندڙ: رم جهم پبليڪشن. دادو.
قيمت: 300
ڪيليگرافي: مصطفيٰ چنا





# ارپنا

پنهنجي بابا
شمس الدين چانڊيو
امڙ
ملوڪ زادي
۽
ان جي نانءُ
جا شاعري جهڙي
خوبصورت هئي
جا مونکي اڪيلو ڇڏي
پاڻ روشنين جي جزيري ۾
گم ٿي وئي.....

## اداري پاران

رم جهم پبليڪيشن جي منڍ کان ئي اها ڪوشش رهندي آئي آهي تہ اها سٺي کان سٺو ادب پنهنجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائي، ان جي ثابتي اسان جا ڇپيل ڪتاب ڏيندا.

جيتري تائين هن ڪتاب جو سوال آهي، اهو هڪ نئين ۽ اڀرندڙ شاعر جو ڪتاب آهي، جنهن کي پهريون دفعو اسان اوهان سان ملائي رهيا آهيون. هن ۾ ڪجهہ ڪچايون ڦڪايون بہ ڪٿي هونديون پر هن ۾ ڪجهہ داٽا ضرور آهن، جيڪي هن کي نظر انداز ٿيڻ نہ ڏيندا.

**ذوالفقار گاڏهي**
**03063250132**





# دل ۾ رنل لڙڪ

شعر چوڻ، پرهڻ مون کي سٺو لڳندو آهي. ٻنهي صورتن ۾ شعر چوڻ کان پوءِ هڪ راءِ جڙي ٿي. ڪڏهن سر خوشيءَ ماٽبي آهي تہ ڪڏهن ڪجہ بہ پلئہ نہ پوندو آهي. بهرحال اهڙي ڪنهن بہ راءِ جو اظهار ڪڏهن ڪري بہ سگهبو آهي، تہ ڪڏهن نہ بہ ڪري سگهبو آهي. پنهنجي شعر بابت ڪنهن بہ راءِ جو اظهار عملي صورت ۾ اهو بہ هوندو آهي تہ ان تي نظر ثاني ڪرڻ يا ان کي ماڳهين رد ڪرڻ، پنهنجي هٿ وس هوندو آهي. پر ٻين جي شعر بابت ظاهر آهي تہ پنهنجي وس ۾ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ شعر چوڻ سٺي ڳالهہ آهي. پر "ٻين" جي شعر پڙهڻ جي بہ هڪ اهميت آهي. ساڳي ئي وقت شعر بابت بہ جيڪي لکيو/چيو ويو آهي. اهو پڻ پڙهڻ جڳائي ه شاعر کي، سو جڏهن صابر سيدپوري فون تي پنهنجي مواد تي ٻہ اکر لکڻ لاءِ چيو تہ مون بہ ها ڪري ڇڏي. هن پنهنجو ڪلام ڏياري موڪليو، جيڪو مون پڙهيو ۽ ان تي ٻہ اکر لکي رهيو آهيان:

ڳاڙهاڻ آهي ٿي وئي،
ٿيو آ ڪٿي قتلام ڪو.

نون لفظن ۾ موجوده صورتحال جو جيڪو چٽ چٽيو ويو آهي. اهو چٽو/اڻ چٽو اسان جي آڏو اچي ٿو وڃي. چٽو ان ڪري جو جو:

ڳاڙهاڻ آهي ٿي وئي.

ڳاڙهاڻ چٽي آه. اڻ چٽو انڪري جو:

ٿيو آهي قتلام ڪو.

”ڪٿي“ ۽ ”ڪو“ اڻ چٽو آهي. جيتوڻيڪ پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سڄي دنيا ۾ ٽيندڙ رتو ڇاڻ اسان جي آڏو آڻي ٿي. ان سڄي دنيا ۾ سنڌ به شامل آهي، فاٽا به، عراق به، افغانستان به، ۽ اها ڳاڙهاڻ ئي شاعر جي احساس تي ڇانئجي ٿي وڃي!. پر اها ڳاڙهاڻ موجوده رتوڇاڻ کان به اڳي. ايامن کان تاڻيل آهي. ڪربلا کان بينظير ڀٽو جي شهادت تائين، پر ان کان به اڳي هابيل قابيل کان وٺي شاعريءَ ۾ تجربو ضروري آهي. پوءِ اهو ڪامياب ٿئي ٿو،نه ٿو ٿئي. ته اها الڳ ڳالهه آهي.هڪ اهو تجربو ڪيو ويو غزل ۾ ته پهريون لفظ قافيي طور رکي باقي سٽ رديف رکي وئي. ان تجربي جي تقليد پڻ ڪئي وئي. صابر جي موڪليل ڪلام ۾ به هڪ اهڙو غزل آهي:

جنهن مان هي شعر چونڊيو اٿم:

جنت جهڙي دل جي شهر ۾،
رستا تنهنجي نانءُ هلي آ.

مٿي مون شعر چوڻ/ پڙهڻ کي سٺي ڳالهه چيو آهي، پر مون کي شعر تي لکڻ به سٺو لڳندو آهي ۽ انهن ۾ هر قسم جو شعر اچي ٿو وڃي، سٺو توڙي نه سٺو ڀنهيءَ تي. ڇاڪاڻ ته مون کي هر قسم جو شعر پڙهڻو پوندو آهي ۽ ان تي لکڻو پوندو آهي. پوءِ ڪڏهن اهو لکيو ڇپيو آهي ته ڪڏهن نه به ڇپيو آهي. جڏهن به ڪو شعر پڙهندو آهيان ته ڪٿي ڪٿي مارڪنگ به ڪندو آهيان. مثال طور صابر جو غزل نغما نغما منهنجون سوچون، جلوه جلوه منهنجون سوچون: ڪنهن جا جلوه!؟ ان ۾ هڪ شعر آهي:

جذبن جي مان وادي آهيان،
پڙلا پڙلا منهنجو موجون.

جڏهن ته لفظ ”پڙلاءُ“ آهي پر هتي قافيي جي مجبوري آهي. اهو سرائڪي جو به اثر ٿي سگهي ٿو.





سرا.ڪيءَ جو سنڌيءَ تي ۽ سنڌيءَ جو سرائڪيءَ تي اثر فطري آهي، پر ٻوليءَ جو مزاج به ڌيان لهڻي.

صابر پنهنجي جيڪا شاعري مون ڏي موڪلي آهي. اها پابند صنف تي اَڌارڪ آهي ۽ ان ۾ به گهڻا غزل آهن. پابند شاعري جون پنهنجيون تقاضائون آهن ۽ غزل جي صنف جا پنهنجا لوازمات آهن. صابر انهن تقاضائن ۽ لوازمات من جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. اها سارهه جوڳي ڳالهه آهي ته هڪ شاعر جن سوچون (نغما نغما ، جلوا جلوا، ڪرڻا، ڪرڻا، پاچا پاچا، سپنا سپنا سوچون) هاڪاري آهن.

هن جا موضوع گهڻي ڀاڱي رومانوي اهن. (خالص) پيار، محبت، عشق، رومانس...... جا انيڪ روپ آهن ۽ شاعري بهرحال محدوديت کان لا محدوديت جو سفر آهي، جيڪو هڪ شاعر کي تن تنها طئي ڪرڻو آهي. شاعريءَ لاءِ هڪ شاعر کي لاڳيتو لکڻو ۽ پڙهڻو پوي ٿو. بلڪ پڙهڻو پوي ٿو ۽ ان سان گڏ مشاهدي جي گهرائي به لازمي آهي ۽ انهن سيني جي اظهار لاءِ ٻوليءَ جي وسيع ڄاڻ لازمي آهي. شاعر جيڪي لڙڪ دل زم روئي ٿو سي ڪنهن اڏمي/ اڇل جي ڪري لفظ ٿي پني تي پڪڙجي وڃن ٿا، جيڪي شعر جي صورت ۾:

سڄي عمر دل جو ئي دل ۾ رنم،
مگر ٿهڪ ”صابر“ جيئاري رنم.

هي پيتل لڙڪ، دل ۾ رنل لڙڪ، لفظ جو روپ ڪڏهن ٿا وٺن؟ ۽ لڙڪ کان لفظ تائين جا مرحلا شاعر ڪيئن ٿو طئہ ڪري...... اها سڌ ته شايد شاعر کي به نه هوندي ڇاڪاڻ ته هولاشعوري طور ڪنهن وجداني ڪيفيت ۾ ئي شعر چوي ٿو:

(يا چوڻ ڪپيس!) ان جي جنهن جي سونهن کي هو

بيان ڪري رهيو آهي! هو "شاعر" هن (پرينءَ) جي نس نس ۾ آڳ پڙڪائڻ جي هام هڻي رهيو آهي:

تنهنجي نس نس ۾ ڪا آڳ پڙڪائين،
آءٌ توکي مان گيتن سان ريجهائيان،
آءٌ توکي مان دل جو گهمايان چمن،
آءٌ توکي هي چانڊوڪيون ارپيان!
آءٌ توکي ستاره هي پهرائيان.

آڳ بہ آهي، گيت بہ آهن، دل جو چمن بہ آهي، گلاب بہ آهن، چانڊوڪيون بہ آهن، ستاره بہ آهن سڀ ڪجهہ آهي. پر هن ڪان سواءِ! هن جي اچڻ سان ئي ان جي وڏيڪ اهميت آهي. نئين معنيٰ آهي. "صابر" هڪ لفظ آڳ ڪتب آندو آهي لفظ کي ان جي اصل روپ ۾ ئي ڪتب آڻڻ گهرجي. جيئن 'آڳ'، 'سيج'

"سڄ"..........

چو تہ اڄ ڪلهہ چڱا، ڏسڻا وائسڻا بہ ڏارئين اثر هيٺ بہ پنهنجي ٻوليءَ/ لفظن کي بگاڙي رهي آهن، مثال طور اهي "آڳ" کي "آگ" ڪري ڪتب آڻي رهيا آهن. اهي ايسيتائين تہ ان ڏارئين اثر جي گپ ۾ گتل آهن، جو سندن لهجو بہ سنڌي نہ رهيرو آهي، جيتوڻيڪ هو لکي سنڌي ۾ رهيا آهن. صابر اهڙين ڏارئين اثر کان پاڻ کي بچائي رکيو آهي. اسان وٽ تہ حالت اها وڃي بيٺي آهي. جو ڪرڻي کي "ڪرن" ۾ ڏڙڪڻ کي ڏڙڪن ڪري ڪتب آندو پيو وڃي. سچ تہ اهو آهي تہ ان ورتاءَ مان اهڙن شاعرن جي پسوري پڌري ٿي وڃي ٿي جن کي انهن جهڙائي تخليقي صلاحيتن کان وانجهيل "واهہ واهہ" جو وهہ پياري رهيا آهن.

شاعر يقيناً پنهنجي دور ۾ ساهہ کڻي ٿو ان دور جي ڳالهہ سموري گدلاڻ ڏپ ان ساهہ وسيلي اندر ۾ اوتي ٿو،





جنهن صورتحال مان هن جو وجود، احساس گذري ٿو. ان جو اظهار هو پنهنجي شاعري ۾ ڪري ٿو. منهنجي چوڻ جو مقصد آهي تہ هڪ شاعر سماج کان ڪٽجي نٿو سگهي عوام کان پري نٿو ٿي سگهي هو تہ هوا کان، چنڊ کان، تارن کان،، موسم کان، پکين کان پري نٿو ٿي سگهي.

آءُ توکي پکين جو اڏارون ڏسيان،
آءُ توکي بهارن سان وندرائيان 'صابر'

اهو شعر مٿي ڏنل غزل جو آهي جيڪو مٿيون ان ڪري نہ ڏنو جو سمجهيم تہ هڪ غزل جي مطلعہ ۾ بہ شعر ڏيڻ ڪوڙ آهن. هتي جڏهن سيڪئنس اهڙو جڙيو جو اهو شعرپاڻ ڄاڻ اتي اچي ويو. جڻ هن ٻيهر ظهور پاتو جي ائين ٿئي ها ۽ اهو شعر نہ ڏيان ها تہ مان پاڻ کي معاف نہ ڪريان ها، معاف تہ مان تڏهن بہ پاڻ کي نہ ڪريان ها جي صابر کي ٻن صفحن بلڪ پونٽن ٻن صفحن جي پيٽا ڏيان ها!

سو اچو تہ اهو شعر ٻيهر پڙهون:

آءُ توکي پکين جو اڏارون ڏسيان،
آءُ توکي بهارن سان وندرائيان.

هڪ ئي شعر ۾ آزادي (پکين جون اڏارون) ۽ سڳنڌ، رنگ ۽ سونهن (بهارون) جو بيان ڏاڍي سهڻي ڍنگ ۾ اچي ويو آهي. غزل جي صنف اهائي تہ خوبصورتي آهي تہ هڪ شعر ۾ بہ شاعر ڪا وڏي ڪا اهم ڳالهہ ڪري سگهي ۽ "غزل" ۾ "غزل" جنهن کي چئجي ٿو اُهو اِهو آهي. غزل اهو سٺو آهي جنهن جا سڀ شعر سٺا هجن اهو زندگي کي ويجهو هجي ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ سنڌي هجي.

'صابر' جي ان غزل ۾ اهي سمورا ڳڻ موجود آهن ممڪن آهي اهو غزل ڪنهن ذاتي وارتا جي حوالي سان هجي، 'ڪنهن خاص' لاءِ هجي پر ان شعر جي وسعت پري پري تائين اوچي لمحي آهي. پکين جي اڏار جيان مون کي

لطيف سائين جو هي بيت ياد اچي ويو آهي:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن ماڻهئان ميٺ گهڻو.

لاڪيڻو لطيف بہ پکين جي پسڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، پکين کان سکڻ جي هٽ ڏسي ٿو ماڻهن کي. ۽ اهو بہ چئي ٿو تہ ڏسو، انهن ۾ توهان کان گهڻو ميٺ آهي! ماڻهو تہ انهن کي بہ شڪار ڪري ٿو ۽ پنهنجو پيٽ ڀري ٿو. پڃرن ۾ بند رکي ٿو، انهن کان انهن جي اڏار ۽ آڪاس جي نيلاڻ کسي ٿو، آزادي کسي ٿو پر هو مت جو جو موڙهو اهو نٿو ڄاڻي تہ :

وشال آهہ نيلاڻ آڪاس جي،
نہ پڃرو نہ پڃري ۾ آهي پکي.
(امداد)

انسان کان آزادي جو بنيادي حق کسيو ويو آهي! دنيا جي حڪمرانن کي وائٽ هائوسن جون دريون کولي پکين جو اڏارو ڏسڻ کپن. سچي دنيا جي شاعرن جو اهو ئي واضح پيغام آهي تہ انهن لاءِ جيڪي هن دنيا ۾ گدلاڻ ۽ ڏپ پکيڙڻ جا مجرم آهن! ۽ انهن کي شاعر جو اهو پيغام، ٻاهرين ڪنن (ڳاڙهان ڪنن) سان نہ، دل جي ڪنن سان ٻڌڻ گهرجي.

ڪجهہ بہ ڪونهي پيار کان اڳتي،
پيار آهي جهان جي صورت "صابر"

امداد حسيني

## صابر جي شاعريءَ جا خوبصورت موڊ





شاعر هڪ اهڙو عاشق آهي جيڪو گهڻ پاسائون عشق ڪندو آهي. سماج، ڌرتي، قوم، دنيا ۽ خود پنهنجو پاڻ سان. اها سند س مرضي آهي تہ هو ان عشق مان ڪهڙي کي پنهنجي وڌيڪ ويجهو آڻي ٿو. ان لاءِ ڊڪٽيٽ جي ضرورت ڪانهي. پر اڄ ڪلهہ اسان ۾ هڪڙو رجحان جڙ پڪڙيندو پيو وڃي. ڊڪٽيٽ ڏيڻ جو شاعر کي هي لکڻ گهرجي. هي نہ لکڻ گهرجي يا معتدل يا محتاط رهڻ گهرجي جي اپيل يا چنڊ ٻي صورت ۾ اها سيءِ فن کي متجاوز ڪري وڃڻ جو دڙڪو. اهو رويو ادب جي اسرڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ رنڊڪ آهي. انهن شايد فرينچ ناول نويس آندري پيد کي ڪونهي پڙهيو." انسان پنهنجي اندرئين آواز کي ٻڌي ۽ زندگي جا جيڪي مختلف امڪان آهن انهن کي تہ دٻائي پر انهن کي پڌري ٿيڻ جو موقعو ڏئي." ۽ جديد شاعرن ائين ڪيو آهي. هنن ڪنهن کان بہ ڊڪٽيٽ نہ ورتي. جنهن جي ڪري اسان جي ادب ۾ ڪافي خوبصورت موڊ اڀري سامهون آيا آهن. اهڙا ئي خوبصورت موڊ اسان کي صابر جي شاعري ۾ بہ ملن ٿا.

اظهار تي بندش آ؟
ڪيڏو نہ ستم آهي
هيڪار تي بندش آ!

مرڪن کي ويو ماتم ڏئي،
ڪيڏو نہ پيارو هو
ظالم ويو آ غم ڏئي

پوندو جيءُ جهري،

## منهنجا جند مونکان
## هڪ پل ڌار نہ ٿي

هي ٽي ٽيڙو آهن. ٽنهي جا الڳ الڳ موڊ آهن سهڻا ۽ ڪيوٽ موڊ پهرينءَ ۾ اهو ئي احساس تہ راءِ جي آزادي ۽ خوشبوءَ جي ڦهلاءَ تي جيڪڏهن روڪ يا جهل آهي تہ پوءِ اها جِهلُ آهي. اهو ناحق اهي. ٻي ٽيڙو جو، جو موڊ آهي انهيءَ ۾ درد جي اپيل آهي. جنهن جو انداز بيان ڏاڍو پيارو، ڏاڍو وڻندڙ آهي. مرڪن جو ماتم ۾ ڍلجڻ، هڪ گهڙي ٿهڪ آهن تہ ٻي گهڙي ڪيهٺ" ڪيڏو نہ هيو پيارو" واري سٽ جو لهجو ان جي حسن ۾ نکار پيدا ڪري ڇڏيو اهي. ائين اها سٽ جڻ تہ " چار چنڊ" واري محاوري جي ڏور پڪڙيون بيٺي آهي ۽ ساڳي طرح هيٺين سٽ ۾ جو پنهنجائپ جو اظهار آهي اهو "ظالم" واري لفظ جو مفهوم ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اهو آهي نياءُ فن ۽ خيال ٻنهيءَ جو نياءُ ۽ ٽئين ٽيڙو جو موڊ آهي اهو آهي وينتي يعني گذارش پريو التجا آهي پنهنجي محبوب در تہ اي منهنجا پرين! مونکان هڪ پل بہ ڌار نہ ٿي. ٻي صورت ۾ منهنجا ڳچ ڳري پوندا منهنجو هانءُ جهري پوندو اهو آهي ماڻهو جي اندر جو آواز.

هاڻي جيڪڏهن اهو ڪنهن جي ڊڪٽيٽ وٺي ٿو تہ پوءِ ان کي پنهنجي اندر جي آواز جو ڳلو گهٽڻو ئي پوندو. جيڪا سراسر زيادتي ٿيندي. هاڻي جيڪڏهن فن متجاوز ٿئي ٿو تہ ٿئي پر پنهنجي اندر جي آواز کي لبيڪ چئجي جيڪڏهن ڪو ائين نہ ٿو ڪري تہ پو اهو بي عقل اهي يا وري سست ۽ ڪانئر. شاعر جيئن فيل ڪري ٿو ان تيئن اظهاري سماجي ۽ معاشرتي پهلوئن کان بي نياز ٿي. جيڪڏهن هن ائين نہ ڪيو تہ سندس احساس دم ٽوڙي ويهندا ۽ دم ٽوڙيل لفظن ۾ ساهہ پرڻ بي سود آهي. ٻي ڳالهہ





اها تہ شاعري هروڀرو موجوده مروج سماجي اخلاقيات جي ترازيءَ ۾ تورڻ واري شيءِ بہ ڪانهي جو ان لاءِ سماجي وٽ ۽ ڪانٽا ڪٽي ويهجن. شاعري خيالن جي اڏام آهي ان کي آزاد ڇڏي ڏيڻ گهرجي. ان کي جنهن بہ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اهو اڏامي نہ سگهيو. پوءِ ان ۾ ڪهڙو فائدو جو ماڻهو اڏامي سگهڻ جي باوجود بہ نہ اڏامي. جنهن جو احساس جديد شاعرن کي آهي.

هي اسان جي اڄ جي جديد شاعر امداد حسيني جي اظهار جو نمونو آهي:

اک زناڪار نہ ٿيندي تہ ٻيو ڇا ٿيندو
مو پري کان ئي خيالن جي نئين رستي تي
آبرو باختہ عورت کي سڃاتو آهي
لفظ چاهيو بہ تہ آيا نہ سئين رستي تي
مونکي ياد آهي تہ ڪنهن شهر ۾ ڪنهن عورت وٽ
ٻن هٿن مان مون جوانيءَ کي لٽايو آهي
جو بہ ڏن آهہ اهو نظم اهو گيت آهي
پاڻ وٽ ڪيسي ۾ مون ڪجهہ نہ بچايو آهي
امداد حسيني

امداد حسينيءَ جي ڳالهہ ڪرڻ جو هي ڏانءُ منهنجي هن مٿين ڳالهہ جي عين مطابق آهي ۽ آندري پيد جي بہ تہ" انسان پنهنجي اندر جي آواز کي ٻڌي ۽ زندگيءَ جا جيڪي مختلف امڪان آهن انهن کي نہ دٻائي بلڪ انهن کي پڌري ٿيڻ جو موقعو ڏئي" ساڳيءَ طرح صابر بہ ان ڳالهہ کي سمجهي ٿو صابر جو اسان کان پوءِ ايندڙ ٿهي ۾ هڪڙي ڇلانگ آهي پنهنجي خيالن کي ڪنهن حد تائين محتاط ضرور رکيو آهي

## وڃي انڪار جو موسم

اچـــي اقـــرار جـــي مـــوســـم
پـــريـــنءَ جـــي ٿـــو ڏســـان مـــک تـــي
اجـــان آ خـــار جـــي مـــوســـم

مفائيلن مفائيلن تي آڌاريل هن غزل ۾ هڪڙي خلش آهي، ميلاپ جي. اها ساڳي ڳالھ وري بہ ڦري ٿي اچي پنهنجي آواز کي پڌري ڪرڻ واري ڳالھ تي. اها ساڳي ڳالھ جيڪا امداد حسيني بہ ڪئي امداد حسينيءَ کي اهو سيڪجھ مليو ۽ جڏهن تہ صابر اجا اُن جي خوهش رکي ٿي. صابر جو هڪ ٻيو موڊ جيڪو مٿين احساس کان هر حوالي بهتر آهي

جـڏهـن کـان اوهـان کـي سـمـايـو اکـيـن
تـڏهـن کـان نـاهـن سـتـا نـيـڻ هـي

صابر جو هي غزل سنڌي ادب جي سٺن غزلن ۾ هڪ غزل جو اضافو اهي. ان کانسواءِ هن جي هڪ ٻئي غزل مان بہ اوهان کي شعر پڙهايان جنهن ۾ بہ ڪافي سهڻا موڊ آهن:

گـهـر سـڄـو سـونـو اٿـئـي پـو ٻـي گـهـريـن
پـو تـہ تـنـهـنـجـي لـئـہ مـرڻ سـولـو نـہ آ

“پو تہ تنهنجي لئہ مرڻ سولو نہ آ” ڪيڏو نہ سماجي شعور رکي ٿي اها سٽ. هي چوڻ جو هڪ سٺو ۽ مثبت انداز آهي ۽ سون تي سهاڳو اهو “گهر سڄو سونو” هجڻ وارو محاورو آهي ۽ جيڪو پڻ هڪ پختي زهن جي پيدوار آهي.

۽ هي آهي صابر جي وائي:

ڪـــرڻـــو ڪـــرڻـــو پـــيـــار،
سهڻا تنهنجي سونهن جو.
ســوچــيــان، ســهــڻــو ٿــو لڳــي،





وهـــم بـــنـــا ويـــچـــار
سهڻا تنهنجي سونهن جو.

اها ئي ساڳي جذبي جي نفاست جيڪا هن جي غزلن ۽ ٽيڙوئن ۾ ڏٺي. هر سٽ مان اک پيجي رهي آهي.

صابر جا اهي احساس، اهي موڊ، هر سٽ، هر اکر مان ڳاتون پائي ڪجھ ڏِسي رهيا آهن؟

اهي ايڏا مبهم بہ نہ آهن جو ڪو سمجهي نہ سگهي.

ذوالفقار گاڏهي

# سنيارون

سنڌي ادب ۾ نوجوان ٽهي جو پنهنجو مقام آهي. انهن جي خيالن جي رنگيني ۾ انفراديت سمايل آهي، وقت ۽ حالتن جي مطابق فڪر ۽ گهرائپ ۽ پيغام سمايل آهي، فن جي ڪسوٽي تي پورو ۽ هر لحاظ کان لفظن جي ڪاريگري ۽ تراش ۾ نواڻ هوندي ۽ پراڻي خيال ۽ لفظ کي نئون ويس پارائن ٿا. ڌرتي جي ذميوارين کان واقف ۽ ٻرندڙ مسئلن جي ڄاڻ رکن ٿا انڪري اهي هر اول دستي جي اڳئين صف ۾ شامل آهن. صابر سيدپوري ٻه انهن مزاحمتي شاعرن ۾ شامل آهي. هن جي شاعري سندس جذبن جي عڪاس آهي. جنهن ۾ شعوري سگهه ٻه آهي ته داخلي حسناڪي ٻه سندس پيغام ڇٽو ۽ ڏاهپ تي مبني آهي پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن کي اهڙي ته سهڻي انداز ۾ پوئي اڳيان رکندو جو سڀ ويٺل ۽ پڙندڙ دادڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا.

هي سادو ۽ سٻاجهو ماڻهو آهي جنهن ڪري سندس دل شيشي جيان صاف ۽ شفاف آهي هن جو ذهن آدرشي آهي سچ چوڻ کان نه گهٻرائيندو آهي. سماجي ناهموارين ۽ اڻ برابرين کي هن پنهنجي قلم جي ذريعي زبان ڏني آهي سندس هي سٽون ان احساس جي نمائندگي ڪن ٿيون.

تنهنجي ڏات کان ڪانئر ماڻهو،
ڪيڏو "صابر" وئون ته وڃن ٿا.

هنن سٽن جي سادگي پنهنجي جاءِ تي پر ڏات واري ماڻهو کي ڪانئر ماڻهو جو وئون وڃڻ انتهائي دلچسپ ۽ معنيٰ خيز آهي. وئون نج ٻهراڙڪو لفظ آهي ۽ هتي





محفوظ ٿي ويو آهي ۽ هن پنهنجي انهي لهجي جي بدولت ٿوري عرصي ۾ پنهنجي دوستن ۾ منفرد مقام ماڻي ورتو آهي.

آءُ اساسن جا نيڻ ٻرن ٿا،
آءُ صدين جا خواب سڙن ٿا.

سندس شاعري ۾ نواڻ سان گڏ اصطلاحن کي محفوظ ڪرڻ جو ڏانءُ آهي نيڻن جو ٻرن ۽ خوابن جو سڙڻ خوبصورت خيال آهن ۽ صابر تمام شاعري جي صنفن تي ٿوري عرصي اندر ڪافي دسترس حاصل ڪري ورتي آهي.

شاعر هينئر ذهني عياشي يا وڏن ماڻهن يا درٻاري شوق نه رهي آهي. مطالعي، مشاهدي ۽ مشق سان هي پورهيو پورهيتن کي لازوال مقام ڏئي سگهي ٿو.

هي چوڻ ته قوم ۽ وطن جي ڳالهه ڪندڙ کي وقتي ۽ هنگامي شاعري سڏي سندس پوهئي کي ۽ سندس مان مرتبي کي مٽانهون ڪرڻ اجايو ۽ بي سود آهي يا ائين چوڻ ته اها شاعري نه آهي غلط آهي.

صابر پنهنجي محنت ۽ جفاڪشي سان پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تائين رسائي حاصل ڪئي آهي. جيڪي ماڻهو يا اديب ڪاٽن جا وڳا وٺي پوءِ ڪنهن کي ڪنهن اداري ۾ پهچڻ ڏين ٿا صابر انهن کان پنهنجو حق ڇني ورتو آهي. حقيقت ۾ اهڙي نفسا نفسي جي دور ۾ ادب ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪرڻ معجزي کان گهٽ ڪونهي.

صابر سچو ۽ کرو انسان آهي ٻيائي کي ٻڪ ڪونه وڌو اٿائين ۽ نه ئي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪنهن جا ترا ڪڍيا ٿئين. هي سٻاجهڙو سياءُ جو ماڻهو آهي.

آءُ ته توتان واريان،
جوين جا هي سياءُ

شاعر اميد جو شعاءُ هوندو آهي. هن جي ادب جو

ڪارج هوندو آهي ۽ هئڻ به کپي. اديب وٽ نراست نه هجڻ گهرجي.

ورن شال پيهر سهانا زمانا،
ڪري دل ويا ديوانا زمانا.

سماجي اديب تي لکڻ وقت اهو سوچڻ گهرجي ته هنجو ماحول ڪهڙو آهي، هن جي آسپاس ڌرتي واسين جي معاشي، سياسي، سماجي ضرورتون، ناانصافيون ڪهڙيون آهن. انهي ماحول ۾ شاعر لکي ٿو. انهي وقت سندس اڳيان بک، بيماري، جاهليت، قبيلائي جهيڙا ۽ سوچون به ساڻس گڏ هونديون اهن. انهي شاعر تي يورپ جا تخليقي نظريا ٺوڪجن ته ساڻس بي واجبي ٿيندي. هتي ته اهي شاعر به آهن جي پٽ جي پاڇي ۾، ننڍڻ اس ۾ ويهي شاعري ڪن ٿا. جن کي موت ۾ ڪجهه به نه ٿو ملي ۽ پئي پاسي پروفيسرن جهڙا ماڻهو اي سي ۾ ويهي يورپي شاعرن جا ڪتاب پڙهي صابر جهڙن شاعرن کي ماکي جي مکين جيان چنبڙي وڃن ٿا. پنهنجي حفظ ڪيل يورپي نظرين تي هن جي اوک ڊوک ڪن ٿا ۽ سڄين شاعرن کي آسمان تائين پهچائي ڇڏين ٿا ۽ جڏهن پروفيسر ٽائيپ ڳالهائيندا آهن ته سچي ادبي ويهڪ کي بيزار ڪري وجهندا آهن. مجال جو سندن حفظ ڪيل طوطا مينا جو قصو ڪٽي.

واهڻ جي ئي اديب کي ٿر جي ڏکن ٻکن جو احساس هوندو آهي:

اسان ٿر جي ٿتل واري،
پرين آهن گهٽائون چڻ،
ٽڏيريون کي هوائون چڻ،
اسان جي آس اجياري،
اسان ٿر جي ٿتل واري

حساس ذهن اديب پنهنجي ذميوارين کي بخوبي





ڄاڻي ٿو. سندس احساس آهي. هن فطرت جي رنگيني کي ڏاڍي دل آويز انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

ڏيئي وانگر رات سموري،
ڪنهن لئه ٻرڻ جي موسم آهي.

يا وري هي سٽون جيڪي سندس داخلي ۽ خارجي حالتن جون عڪاس آهن:

روز جيئڻ جي موسم آهي،
روز مرڻ جي موسم آهي.

جواني کي جيڪڏهن بي مقصد ڳاري ڇڏجي ته اها بي انصافي ٿيندي. هي هڪ فطرت شناس آهي. سندس روح فطرت جي نرم نازڪ موسمي رنگيني سان پرپور آهي:

ڇو ٿو "صابر" پاڻ کي ڏاهين،
تنهنجي ٿهڻ جي موسم آهي.

صابر سيد پوري جي ادبي استاد ناظم منگي جو پڻ ادبي مقام آهي. جنهن جي محنت صابر کي سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو آهي.

محبوب سنيارن کي صدين کان سنياريان ٿو،
ڪن خاص بهارن کي صدين کان سنياپان ٿو.

من جي آس اميد پلي هڪ ڏينهن جي هجي يا صدين جي پر شاعر جي ذهن ۾ يادون سدائين آباد هونديون آهن.

جيون جي اماوس ۾ ها چنڊ جيان "صابر"،
تڏهين ته پيارن کي صدين کان سنياريان ٿو.

صابر ٻولي ۽ خيال جي لحاظ کان امداد حسيني جي ان ڳالهه تي پورو لهي ٿو ته، "شاعر جي بنيادي ذميواري ٻولي ڏانهن آهي ته هو هن کي بچائي، ان جي واڌ ويجهه ڪري ٻولي ۽ ڳالهائيندڙن کي بچائي سگهي ٿو.

(پرک: مئي، جون 2015ع)

فياض بلوچ

# ڏک سک جو سنگم

جيئڻ جي لاءِ جتن ڪبا آهن پر اهو ڪهڙو جيئڻ جيڪي واعدي جي وفا تيڻ تائين سڙي پسم ٿي وڃي؟ ۽ اهي واعدا ۽ اقرار ئي هوندا آهن ۽ مايوسي ۽ موت تي فتح حاصل ڪندا آهن. شاعر ڇا جي لئہ شعرن جي تعمير تيڻ تائين پنهنجي جان ۽ جسم کي ڳاراڻ جي ڳوٺ جي ڳلي ڳلي ۾ ڳاهہ جيان ڳاهيندو رهي ٿو. ڪٿي ائين تہ نہ آهي جيئن شمع ٻري پاڻ ڳري ختم ٿي ٻين کي روشني ڏيندي آهي. ائين شاعر بہ پنهنجو نور نچوڙي رت ولوڙي جڳ کي شعور ڏيندو آهي ۽ اهي شاعر ئي هانءُ جو ڏڌ ۽ آٿت بڻبا آهن ۽ اهڙا آٿت جهڙا شعر اسان جي پياري دوست شاعر صابر سيد پوري وٽ بہ آهن جيڪي هن شهري گوڙ شور کان گهڻو پري ننڍڙي ڳوٺ ۾ ويهي لکيا آهن:

سيد پور کي "صابر" چڱڻ آ ڏکيو،
جنهن جي شفقت ۾ هي عمر گهاري اٿم.

صابر جي شاعري شهہ سرخي آهي سنڌي شاعري جي زندهہ هجڻ جي. هن جي شاعري ۾ وطن جي مٽيءَ سان محبت ۽ انس رتل آهي.

سنڌ تنهنجي يتيمي تي روئان پيو،
ڇو تہ تنهنجا ديوانا فنا ٿي ويا.

هاڻي انهن ٻن سٽن تي ويچاريو لفظ لفظ تي ويچاريو تہ ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ ڪئي آهي. صابر جڏهن ديوانگي فنا ٿي وڃي تہ منزل مقصود مايوسي ۽ موت طرف ڏڪيندي. صابر جي شاعري سادي پيراهي، سليس ٻولي ۾ ٻهہ ٻهہ ٻهڪندي نظر ايندي. هن ڪڏهن بہ مشڪل پسندي کان ڪم ناهي ورتو هن جيڪو بہ لکيو آهي پنهنجو لکيو





آهي هن جي شاعري ڪنهن ٻئي جي ساعري جو چربو نہ آهي:

برپٽن ڏي ڪير ڪاهيندو؟
هن ڊٿل کي ڪير ٿاهيندو؟
ڇا هي سٿون سرير کان سيسراٿ نہ ٿيون ڪڍن؟!

هنن سٽن جي سوال جو جواب ڪهڙو آهي؟ ڪو تہ هوندو صابر جي هن شعر جي امين سندس شخصي ۽ ذاتي حالتن جي حقيقي عڪاس آهي:

ڇيهون ڇيهون دل ڪري منهنجي ويو،
ڇوڪري ٿي ڇوڪري سان غم ونڊي.

هي سٿون ساهہ ٿيون منجهائن. سور جي سٽ ٿيون ڪيرائي ڇڏن. هي ئي شاعري آهي، جيڪا ڳالهرائي ٿي. غم ونڊڻ جي سگهہ ٿي بخشي هن يار جي هڙ ۾ مٿئين سٽن جهڙيون ڪئي سٿون سون تي سهاڳ جيان جرڪندي نظر ايندو.

غمن ساري ڇاٽي جواني اسان جي،
جواني نہ ماڻي جواني اسان جي.

ڪمانن ۾ تاٽياس ويا تير هوندا،
جڏهن بي اڏاٽي جواٽي اسان جي.

جڏهن غمن جو گهيرو ٿيندو آهي تہ خودي ختم ٿي ويندي آهي. جڏهن هڪ حياتي جوڀن نہ ٿي ماڻي تڏهن پيار جو عَلم اوچو نہ ٿو رهي سگهي، ڪمانن ۾ واقعي تير وڏا ويندا آهن ۽ پوءِ اهي هنيا بہ ويندا آهن. جڏهن ٻن دلين جي هڪ ٻئي تي رسائي ٿيندي آهي، جڏهن بہ ڪي خوشيون مرڪن جي محل جون ماڪياٽيون ٿينديون آهن، ۽ جڏهن بہ ڪي خواب پر اسراريت جا پنڌ اڪري ساپيائن جي سرحدن تي رسندا آهن تڏهن تڏهن ڪمانون تاٽيون

ويون آهن. صابر سيدپوري جي شاعري ڏک ۽ سک جو سنگم آهي. هن جي شاعري ۾ درد دکي دونهين جهل تي ويو آهي:

دشمن تہ آهي دشمن ان تي ميار ڇا،
اڄ يار! يار جي هٿان هڪ يارويو مري.

ڪنهن جي نالي اجا نہ تي سڃي،
سال ٿيا هن سندس سمائي ڪي.

هي پئي شعر صابر پڻ الڳ غزلن مان ڪنيا آهن. سچ تہ هي پئي شعر صابر جي شاعري جي ماتي جي بنديا آهن. صابر سيد پوري جي شاعري جو پورهيو پڙهندي اهو محسوس ٿو ٿئي تہ سندس شاعري زندهہ عشق جو چٽو مثال آهي. هن ذات جي ڏيهہ ۾ جيڪي بہ ڏيئا ٻاريا آهن. اهي تيسيتائين ٻرندا رهندا جيسيتائين راهہ جو هڪ بہ راهي منزل تائين نٿو پهچي.

احمد شاڪر
03473230193



ڪڙهن ورندين


## ڪڙڪپيتا

پاڻ هڪڙي ڪهاڻي تي ويندڙ
ڪهڙي وينو لکين ڪهاڻي ٿو.
صابر

درد غزل جي صنف جو انتهائي اهم جزء موضوع هجي ٿو:

صابر سيد پوري جنهن نموني سان هن مجموعي ۾ پنهنجي اندر جي درد جي اپٽار غزلن جي صورت ۾ ڪئي آهي، ان تي ڪيرون لهڻي:

هن جي پويان لڳي لڳي منهنجي،
هي هلي نيت نوڪري ويندي.
"صابر"

۽ اهڙيون انيڪ سٽون صابر سيدپوري جي غزلن ۾ هنڌين ماڳين پکڙيون پيون آهن. هن جي غزل جو لاڳاپو ڪلاسيڪل توڙي روايتي خيالن سان مضبوطي سان قائم آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس غزل سنڌي شاعري ۾ جوڳي جاءِ والارڻ جي سگهہ رکي ٿو.

هونءَ بہ شاعري امڪانات جي ڪائنات آهي. ان ڪائنات ۾ هو شاعر پنهنجي پنهنجي احساساتي اٿل پٿل کي قلم جي ڌار تي رکي خيال آڻي پاڻ لاءِ مخصوص جاءِ جوڙي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

سنو ۽ ڪامياب شاعر احساسن کي لفظن جو روپ ڏيڻ سان گڏو گڏ پڙهندڙ جي ذهني ولوڙ توڙي سوچ کي متحرڪ بہ ڪندو هلندو آهي. اها خوبي جيڪي شاعر جيتري مقدار ۾ وڌيڪ پنهنجي ساعري جي دنيا ۾ مٿاهين پد تي پهچي سگهندو. ان لحاظ کان صابر سيدپوري جي شاعري جو هي مجموعو اميد اٿم تہ پڙهندڙن ۾ ضرور مڃتا ماڻيندو.

گلزار





عشق منهنجا ستر سپ وڃائي ڇڏيا،
حسن! منهنجا ڪيان تو ڏيان ڪيترا

مونکي لڳو ڄڻ صابر پٽائي جي سمورن سورمن ۽ سورمين جي ڪٿا کي ٻن سٽن ۾ سهيڙي ڇڏيو آهي.

شاعري لاءِ محاورو آهي "ڪوزي ۾ دريابند ڪرڻ" صابر جو مٿيون شعر پڙهڻ کان پوءِ اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيان تہ هن ڪوزي ۾ پورو سمنڊ پلٽي ڇڏيو آهي. هي اهڙو موضوع آهي جنهن تي سوين مقرر بنا ساهي جي سالن تائين ڳالهائن ۽ جڏهن ان جو ڇيهہ ڪن تہ ڪين احساس ٿئي تہ جو ڪجهہ هنن ايتري وقت ۾ ڳالهايو آهي، اهو هڪ شاعر صرف ٻن سٽن ۾ سمائي ڇڏيو آهي تہ اهو شاعر ۽ شاعري جو ڪمال آهي.

۽ اهڙو ڪمال صرف صابر جهڙا شاعر ئي ڪري سگهن ٿا.

معصوم بخاري
03042934778

صابر سيدپوري اسان جي موجوده ٽهي جو هڪ سٺو ۽ اڀرندڙ شاعر آهي. سندس شاعري ۾ رومانس کان مزاحمت ۽ مزاحمت کان سماجي نابرابريءَ ذاتي ۽ داخلي ڪرب کي هن خوبصورتي سان ورتايو آهي. ڪاڇي جي سرحدي پٽي سان لڳندڙ ڳوٺ سيد پور جي ٻنين ۾ سياري جي سردين ۾ سرنهن ۽ ڄانيي جو ساڳ ۽ گلڙن جي هٻڪار ۽ اونهاري ۾ سارين جي سڳنڌ اکين کي وڻندڙ دل کي راحت ڏيندڙ هوندي آهي.

اهو سندس ماحول جو اثر آهي جو صابر اسان کي اهڙي سهڻي شاعري ڏني آهي اهو هن جي پيار پريي پورهئي جو ڦريون فصل آهي جيڪوڏاڍو سٺو لڳو آهي ۽ هي ان جي ايمانداري ۽ جذبي جي سچائي سان پنهنجي شوق جي آبياري ڪندو رهيو ته مستقبل صابر کي ضرور خوش آمديد چوندو.

گوهر گل ڳورڙ
03023277756





# تنهائي منهنجي محبوبہ

ڪنهن ڏاهي چواڻي تہ: شاعري نبين جو پيشو آهي ۽ اسان تہ مڙيئي پيا ٽا ليڪا ڪيون. شاعري جو پنڌ واقعي پري جو پنڌ آهي. 1994، 95ع کان مان بہ ابتا سبتا ليڪا ڪيندو پيو اچان. ابتا سبتا ليڪا ئي سهي پر مون ڏاڍي شوق ۽ چاهہ مان پئي ڪيا آهن ۽ اڄ سوڌو ڪيندو پيو اچان. شاعر ٿيڻ يا شاعري ڪرڻ جو سبب عشق جي چوٽ رسڻ کي چون ٿا پر مون تہ ڪنهن سان بہ عشق ڪونہ ڪيو آهي جو ڪنهن لاءِ عليل ٿيو هجان. ها، البتہ تنهائي آهي انهي جي ساٿ ۾ سانوڻيون، سياري جي راتين جا مچ، ڪلندڙ ۽ ٽڙندڙ گل، ٻوٽا، وڻ، پکي ۽ انهن جي منڙي ٻولي، شامن جا جادوئي ڏيک، چنڊ، تارا، جهڙڦڙ، ڪڪر مينهن، معصوم ٻارن جا ٽهڪڙا اهي مونکي پنهنجي ياڪر ۾ پريندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جو ازخود ٽهڪ نڪري ويندا آهن ۽ ان رڃ ٿي ڪلڻ مهل سوچيندو آهيان تہ هي ڪيڏي نہ محبوب گهڙي آهي جو هن مهل کي موت جي هنجهہ ۾ هليو وڃان ۽ رڃ ٿي روئڻ مهل بہ اهائي ڪيفيت هوندي آهي.

آءٌ، بلڪل نج ٻهراڙي جو ماڻهو آهيان ۽ پنهنجي وجود ۾ اجنبي آدمي:

اي پکين جا ولر ساڻ وٺيون هلو،
اجنبي آدمي جي مجو التجا
صابر

هي جيڪو بہ مون لکيو آهي پنهنجي اصلوب آهر لکيو آهي، ڇا آهي؟ ڇا ناهي؟ ڇا لکڻ ڪپندو هو؟ ڪيئن لکڻ ڪپندو هو؟ تي مون ڪڏهن بہ ڌيان ڪونہ ڏنو آهي.

منهنجي سمجهہ آهر جيڪو بہ خيال آيو پنهنجي

حساب سان خود بهتر انداز ۾ ٿي آيو ۽ مان ويس لکندو ۽ هن عمل تي مان خوش بہ آهيان.

صابر حسين چانڊيو مان صابر سيد پوري ٺيٺ ٺي پاڻ کي پاڳوند سمجهندو آهيان. مون پنهنجي زندگي ۾ دوست گهٽ ٺاهيا آهن هونءَ بہ ياري دوستي تي ايمان گهٽ رهيو آهي. ياري دوستي جو ڀرم نہ رهيو آهي تنهنڪري هاڻ صرف پاڻ سان ياري اٿم:

يار، ياري جي عصمت کي لوٺن پيا،
تنهنڪري پاڻ سان هاڻ ياري اٿم
صابر

شاعرا ٿي ٻاجهہ مونکي ڏاڍي عزت بخشي آهي جنهن تي مان ڏاڍو سرهو آهيان باقي جيڪي خواب سانڍيا انهن جي تعبير پري تائين بہ ڪانہ ٿي سجهي تڏهن بہ زندگي سان ايترو پيار ڪريان جو ان کي لفظن ۾ سمائي نہ ٿو سگهان.

ڪونهي ڪوبہ سڪون،
پوءِ بہ جيئڻ جو اٿم،
ڏاڍو يسار جنون.
صابر

تصوف ڏانهن لاڙو هجڻ ڪري آدم ذات کي انتهائي اتم ۽ اعليٰ سمجهندو آهيان ۽ سڄي عالم جو دعاڳو آهيان. جيسيتائين تنهائي جو ساٿ ۽ سنگم رهندو تہ شاعرا ٿي ڪرت بہ رهندي.

دائود، شيرين، حسان آهي جيڪر منهنجي شهہ رڳ آهن ۽ ان سان گڏ انهن کي ممتا جا ڏک پيرايندڙ ثمينہ سان بہ زندگي جيترو پيار ڪريان ٿو. جن منهنجن ابتن سبتن ليڪن تي محبوباڻي راءِ ڏني آهي. انهن منڙن محترم ساٿين سنڌ کي لازوال شاعري ارپيندڙ بيحد مانائتي سائين





امدادحسيني، منهنجو پيارو ڪلمڪ ۽ صاف دل دوست ذوالفقار گاڏهي، ڏاڍي سادي ۽ سڀاجهي طبيعت رکندڙ نظم جي نمائينده شاعر گلزار، قابل احترام سائين نصير مرزا ڏاڍي ولولي سان سنڌي ادب جي آبياري ڪندڙ نوجوان شاعر احمد شاڪر، مون تي پيار مان بہ اکر لکندڙ منهنجو سائين محترم فياض بلوچ، منهنجا سن جيڏا دوست گوهر گل ڳورڙ، معصوم بخاري ۽ مون کي شاعري جي ساڃاهہ بخشيندڙ منهنجو رهبر منهنجو استادسائين امان الله ناظم منگي(کيس الله تعاليٰ جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي) جي دل جي حضور سان عنايتون ۽ ڳڻ ڳائيندي پنهنجي پاران واري پني جي پڄاڻي ٿو ڪريان.

.................سدائين گڏ

صابر سيد پوري
03423255799

## غزل





تو بنا يار! هير سانوڻ جي،
لڳ ساڙي ٿي چانو هر وڻ جي.

ڦٽ تازا ڪري ڇڏيندي سڀ،
مند ايندي جا هيل ڪڻ ڪڻ جي.

زندگي سا ٻہ زندگي ڪهڙي،
هر گهڙي جنهن ۾ اڻ تڻ جي.

روڳ ڪهڙي ۾ پئي سڙي هر پل،
هي وهي هئي تہ ڪيس مرڪڻ جي.

چيروان نيڻ ڪڻ مٿا ”صابر“،
ڏس تہ ٿئي آس ڪائي جيئڻ جي.

نيڻ ڪنهنجا ڇمڻ وقتڪاٽي ڏنئي،
ڪنهن جو ساجن ٽياڻ،وقت ڪاٽي ڏنئي.

ڪوٽ ٽيندو، رهئين اوٽ ٽيندو رهئين،
ڪنهن جي صورت ڏسڻ وقت ڪاٽي ڏنئي.

فاصلو ٻن وڪن جيترو ئي نہ هو،
ٽوڙ تي پر پڇڻ وقت ڪاٽي ڏنئي.

ٻين ڪي ڏيندو، وئين، پئي اڏيندو، وئين،
مون ڪي منهنجو سچڻ وقت ڪاٽي ڏنئي.

ساڙ ايڏا رکيئي، تاڙ ايڏا رکيئي،
ڳات ڪنهن ڏي يرڻ وقت ڪاٽي ڏنئي.

منهنجي ”صابر“ جيئڻ تي تہ خوش ڪونہ آن،
مرضي سان ٻي مرڻ وقت ڪاٽي ڏنئي.





اسان جي من وفا ڪي ڏس،
۽ پنهنجي تون جفا ڪي ڏس.

نہ هو جُرم هي ايڏو،
ڏنئي جا تنهن سزا ڪي ڏس.

اسان جي ابتدا، پڙهجان،
اسان جي انتها ڪي ڏس.

جي چاٽڻ تو گهرين حق ڪي،
محاذ ڪربلا ڪي ڏس.

وري من، جوڙ من سان تون،
اي ”صابر“ التجا ڪي ڏس.

تي اجا بدنام عاشق،
عشق ڪڻ الزام عاشق.

حسن هڪڙي تي ڏنا مون،
جڳ ۾ آهن جام عاشق.

سولي، گهاٽو يا تہ نيزو،
عشق جو انجام عاشق.

سر جوسانگو لاهہ پهرين،
پوءِ هڻ ڪا هام عاشق.

تون تہ “صابر” پيو تو سڏجين،
عاشقن ۾ جام عاشق.

www.sindhsalamat.com



سڪ تنهنجي سمهڻ ڏنو ناهي،
ڪاتي بيهڻ هلڻ ڏنو ناهي.

راهُ ڏاڍا، تي زور لائي پر،
مون بہ ڏيئو وسڻ ڏنو ناهي.

مان تہ جيئان تو، هائو جيئندس پيو،
وقت توڙي جيڻ ڏنو ناهي.

ان جي اڳيان ڪلان بہ چا آئون،
جنهن سدائين رئڻ ڏنو ناهي.

ان جي نيڻن ۾ گهر اڏي وٺندس،
پاڻ ڏي جنهن ڏسڻ ڏنو ناهي.

www.sindhsalamat.com

پيار آهي سلامتي جڳ جي،
پيار ۾ ئي آ، روشني جڳ جي.

عشق وارن ۾ عشق سان آهي،
ڪا، ازل کان تہ دشمني جڳ جي.

ڪي تہ گردان پنهنجي ۾ هر دم،
ڪن ڪي ڳڻتي آ، هر گهڙي جڳ جي.

توکي چاهڻ جي آرزو رهندي،
ڪيئن پرواهہ ڪا ڪبي جڳ جي.

پنهنجي "صابر" جي پيار ڪي شايد،
ويئي آهي لڳي لتي جڳ جي.





اوهان جو مرڪندڙ چهرو اکين آڏو ڦري ٿو پيو،
ائين ڄڻ سنڌ جو نقشو اکين آڏو ڦري ٿو پيو.

رهي ٿو ساهہ سان گڏ گڏ، پڪي ويساهہ سان گڏگڏ،
پڙهان جنهن تي پيو ڪلمو، اکين آڏو ڦريٿو پيو.

لڳي ٿو سايپائن جا، اجهو ٿا چنڊ ڪي ايرن،
ڏسان ٿو روز هي سپنو، اکين آڏو ڦري ٿو پيو.

سنڌ ۾ هر ڏينهن ۾ تون آن، سنڌ ۾ هر رات ۾ تون آن،
اهو سهڻا سنڌ ۾ چهرو، اکين آڏو ڦري ٿو پيو.

حياتي بعد بي "صابر" اکين آڳر ۾ تون هوندين،
ڳنڌيل تو سان سچو ناتو، اکين آڏو ڦري ٿو پيو.

ڪيئن پلايان مان دل جي راڻي ڪي،
دلربا جي حسين ماڻي ڪي.

ڪو برو پاپلو نہ چئي پلجي،
شهر جانان جي لاڙڪاڻي ڪي.

راهہ حق جي ڪان ڪيئن هٽنداسين،
۽ نہ ڏربو ڏسي ڪنهن گهاڻي ڪي.

جيڪو آهي مٽا سو اچ ئي آ،
ڪنهن ڏٺو آ، پلا سياڻي ڪي

ڪنهن جي نالي اجان نہ ٿي سڏجي،
سال ٿيا هن سندس سماڻي ڪي.

ڪنهن تي ايڏي چٽر چڱي ڪونهي،
ڪاڻو چئبو آ، ڪين ڪاڻي ڪي.

عشق "صابر" وڏي بلا آهي،
ٿو اياڻو بڻائي سياڻي ڪي.





سچڻ جي سار آهي بس،
اهو ڪم ڪار آهي بس.

سبب دنيا جي جُڙ چڻ جي،
فقط ئي پيار آهي بس.

پرينءَ جي ئي نگاهن ۾،
سچو سنسار آهي بس.

حياتي جو پچين چا ٿو،
گهڙيون ڪي چار آهي بس.

جياپو ئي مئل من جو،
پسڻ رخ يار آهي بس.

زماني ڪان الڳ پنهنجي،
دنيا ئي ڏار آهي بس.

تون گل آهين هو گل آهي،
هي "صابر" خار آهي بس.

اجرا هي سويرا جيئن، تيئن پيار اسان جو آ،
ڪيڏو نہ حسين منڙا، سنسار اسان جو آ.

ڪنهن کي نہ ڏڪائڻ جو، ڪنهن کي نہ رنجائڻ جو،
پرکڻ جي گهرين جيڪر، ڪردار اسان جو آ.

جو چنڊ جي ڪرڻن تي مرڪون ٿو وکيري پيو،
سو جاني اسان جو آ، دل ٺار اسان جو آ.

هر ورق پڙهي ڏسجان، تاريخ جي مڪتب مان،
انسان شناسيءَ ۾ معيار اسان جو آ.

هن عشق جي ئي ڏِيَ تي دنيا ۾ هلونٿا پيا،
هڪ عشق تہ تي "صابر" آڌار اسان جو.





پيار تنهنجو نچائي ٿو جاني،
ڪت الائي پچائي ٿو جاني.

چنڊ ۾ هوءِ چنڊ آ، هن ۾،
منترن کي منجهائي ٿو جاني.

عشق ڪاڏن ڪان ڪو چي تہ ڏسي،
زهر رت ۾ ملائي ٿو جاني.

لڄ ڇا جي حياءُ ڇا جو آ،
عشق نانگو بڻائي ٿو جاني.

دل کي گلڙا ڪري ڇتي وينو،
راهہ تنهنجي سجائي ٿو جاني.

چنڊ تنهنجي ذات سان،
تارا تنهنجي ذات سان.

ڪائناتون حسن جون،
پيارا تنهنجي ذات سان.

ٿيا قلندر، پٽ ڌڻي،
دارا، تنهنجي ذات سان.

سوليءَ تي ٻي جي هنيم،
نعرا تنهنجي ذات سان.

منهنجا ”صابر“ پل سيئي،
نيارا تنهنجي ذات سان.





هي شام سهاني ڳوٺاڻي،
ڇڻ منهنجي وجود جي آڪاڻي.

ويون منهنجون ڪهاڻيون يار مري،
سڪي نيڻن جو ٻہ ويو پاڻي.

هر چيز عزيز آ، ڌرتيءَ جير،
محبوب اٿم هر لنب لاڻي.

تنهائي پناهہ ۾ رکندي آ،
جا روز،ازل ڪان ساٿياڻي.

ايئن توکي جڳائي ڪين مٽي،
هيئن روهہ ۾ رولڻ جوڳياڻي.

تنهنجي ياد ڪان ”صابر“ ڪيئن ڇڄان،
توکي ساهہ ۾ رکندس مان ساڻي.

اکيون واٽ نهارن ساڳيون،
جيءَ سان سپرين تو جي واڳيون.

سنت بہ ساڳي کو نہ رهي آ،
کونہ رهيا هن ياڳيا ياڳيون.

ٻيهر ناهن ننڍ کي سنبريون،
توکان پوءِ جيءُ جي جاڳيون.

عشق حويليون لوڏي ڇڏي تو،
عشق هزارين ذاتيون داڳيون.

جيون توکي ماڳ نہ ملٽو،
"صابر" کيسين جهاڳ هي جهاڳيون.





نہ تو يار سمجهيون اکين التجائون،
حياتي کتي تي اجان پئي سزائون.

سمورا کي منظر هيا گونگا ٻوڙا،
نہ کنهن پي کنايون اسان جون صدائون.

نہ سينگار اگهيا نہ کي پيار اگهيا،
نہ کاتي هي اگهيون نويليون ادائون.

اسان جو پڇيو جن، اهي کونہ وٽيا،
اسان جن کي پڇيو ڏکاري ڇڏيائون.

ڏيئو پيار وارو سنيالي کو ٻاري،
گهليون هيل آهن کي اگريون هوائون.

وفائن جو "صابر" پڙهيو درس آهي،
نہ ڇاڏيون تہ ڇا هن، دعائون جفائون.

مان سراپا، پيار آهيان وو،
خوشبو آهيان، بهار آهيان وو.

مان تماشو ئي ٿي ته رهجي ويس،
حسرتن جي مزار آهيان وو.

مان منصور جو هان پاڙيچو،
آءُ سچل جو، يار آهيان وو.

عشق آهيان نه قيد ٿي سگهندس،
مان براقي، اڏار آهيان وو.

جيترو ئي بي نام هان جڳ ۾،
ايترو ئي خوار آهيان وو.

ڪائناتن جا ڏيک نيڻن ۾،
ڪائي ازلي، نهان آهيان وو.

جيڪو مون ساڻ هو ”صابر“،
هاڻ ان ڪان ته ڏار آهيان وو.





سونهن جي سونهن ئي ته تون آهين،
چا چوان مون لئه ته تون چاهين.

خود خدا بي ته ان جو ٿي ويندو،
پنهنجي چاهت سان جنهن کي تون چاهين،

جنهن کي ڊاهين، ٺهي سگهي ئي نه ٿو،
ڪيئن نه ٺهندو، سو جنهن کي تون ٺاهين.

جيئن توکي پيو مان سوچان ٿو،
ائين آهين الائي پيو ناهين.

هن کي ماڻين ته معجزو آهي،
سينو ”صابر“ سان تون متان ساهين.

بادلن ڪي سنيهان ڏيان ڪيترا،
وهه وڇوڙي جا من ڏس پيان ڪيترا.

عشق منهنجا ستر سڀ وڃائي ڇڏيا،
حسن منهنجا ڪيا تو ذيان ڪيترا.

موت جهڙا، پيو ڏينهن دلبر ڪتيان،
حادثن جا هي پل مان جيان ڪيترا.

غم جا ڏونگر ڪنيون خوش تيو ڪلندو وتان،
ڪنهن ۾ هوندا پلا هينئڻَ هيان ڪيترا.

تنها تنها ڏسي مونکي شامن سان گڏ،
لوڪ "صابر" ڪري تو بيان ڪيترا.





ياد تنهنجي وسارڻ ڪو سولو نه آ
پاڻ ڪي پاڻ مارڻ ڪو سولو نه آ.

ڪنهن ڪي رئندي اکين جون نديون ويون سڪي،
هون ته ڳوڙهو به هارڻ ڪو سولو نه آ.

مُرڪي جيئڻ جو اتساهه ڏيندو جو هو،
ڌار تنهن کان گذارڻ ڪو سولو نه آ.

جسم جيسين نه تو ڀسم ٿئي پرندي پئي،
عشق جي آڳ ٺارڻ ڪو سولو نه آ.

زندگيءَ جون سيئي هيءَ حسناڪيون،
ڪنهن مٿان خوش ٿي وارڻ ڪو سولو نه آ.

سامهون ڪاتيون کهاڙيون بندوقون ڏسي،
ڪنهن لئه "صابر" سنوارڻ ڪو سولو نه آ.

www.sindhsalamat.com

راز حسن جا جنهن پل چاتا،
عشق اسان جي گهنگهرو پاتا.

ڏرتيءَ سان ئي رهندو سچو سو،
ماءُ جا جنهن پي ٻبڙا ڏاتا.

رات اسان جي گونگن جهڙي،
ڏينهن سان جا جهڙا ٻاتا.

سيلانين سان ڪير ڳنڍيندو؟
سڪ جا ڏولڻ نازڪ ناتا.

گيت هي منهنجا روشن تارا،
پوءِ ٻه "صابر" وقت نه ڳاتا.





دل تي چاهي ته ڪجهه اچان روئي،
چو نه اچ چنڊ سان ملان روئي.

منهنجي روئڻ تي ڪير تو روئي،
اڄ ته يارن اڳيان ڏسان روئي.

درد ڪهڙي تي هُو روئن تا پيا،
تورو تن ڪان وڄي پڇان روئي.

منهنجي سُڏڪن ڪي چو ڪنائيندو،
ڪنهن ڪي مان جي اگر سڏيان روئي.

يار هن ۾ ئي تو رهي خوش خوش،
مان جي جيئان ته پيو جيئان روئي.

ڪنهن ڪي تنها تو جي ڏسان "صابر"،
اُن گهڙي ڏاڍو تو پوان روئي.

ورن شال ٻيهر سُهانا زمانا،
ڪري دل ڪي ويا جي ديوانا زمانا.

اسان تي جي آيا، اسان تي جي ڇايا،
هُيا دلربا سي يگانا زمانا.

اسان جيڪي اڌ ۾ ڇڏيا محبتن جا،
اُهي ڳائجان پيو ترانا زمانا.

اساسن ڪي اسان جون ورائي ڏي شامون،
نه قبضي ۾ ڪر هي خزانا زمانا.

گهڻو پر ڏڪاروئي رهندين اي "صابر"،
گهڙي جنهن به ٿياسين روانا زمانا.

www.sindhsalamat.com



تنهنجي هڪڙي مرڪ تان هيءَ روشني گهوري ڇڏيان،
زندگي جي خوبصورت هر گهڙي گهوري ڇڏيان.

سانوڻي جي مند جون سڀ سانوريون دلربا،
۽ بهارن جي سموري تازگي گهوري ڇڏيان.

تنهنجي نيڻن جي نزاڪت ۽ سندرتا ڇا چوان،
دل چئي ٿي هن جهان جي تازگي گهوري ڇڏيان.

هيل تائين جا ڪئي ٿم بندگي گهوري ڇڏيان،
سنڌ تنهنجي سونهن تان مان زندگي گهوري ڇڏيان.

هڪ گهڙي لاءِ به "صابر" جي ڏسين اڄ پيار مان،
عاشقي گهوري ڇڏيان مان شاعري گهوري ڇڏيان.

www.sindhsalamat.com

آڳ جنهن آ لڳائي روزانو،
تانگهه تنهنجي اهائي روزانو.

لڙڪ آهون ۽ هي اڪيلائي،
پنهنجي آهي ڪمائي روزانو.

عشق دل کي ٻڌايون چيرون هن،
۽ وري جنهن نچائي روزانو.

دلجي دعويٰ تہ تون وري ايندين،
راهہ تنهنجي سجائي روزانو.

جڳ سان پنهنجي چڱائي روزانو،
جڳ جي ليڪن مندائي روزانو.

تنهنجي ڳولا ۾ هي نماڻي دل،
آهي ”صابر“، اُڌائي روزانو.





مکڙين جيان هي ڪومل ٽڙندڙ گلاب اکڙيون،
آهن حسن جو منڙا تنهنجون جواب اکڙيون.

نس نس ۾ تازگيءَ جون لهرون نچڻ لڳن ٿيون،
جنهن پل پسان ٿو ڪي جي ڪٽ مهتاب اکڙيون.

ڏاڍيون سياءَ واريون، بادِ صبا ڪانپياريون،
تنهنجون اهي خمارون آچن شراب اکڙيون.

ست ڏئي جهٽي وجهن ٿيون، دليون ڦٽي وجهن ٿيون،
ڪي ڪي تہ ٿينديون اهن اهڙيون عقاب اکڙيون.

گيتن جيان ٻرن جي، هِردي اندر هرن جي،
”صابر“ ڪيون اهڙيون سي انتخاب اکڙيون.

تنهنجي هڪ مرڪ تان ڪيئي سجدا فدا،
با خدا،با خدا، با خدا، با خدا.

توسان ڪنهن جون نسبتون ٿيون جڙن،
تون سين ڪان الڳ، تون سين ڪان جدا.

مون جڏهن ڪان جهليو دامن عشق آ،
بس پسي آ بقا، بس پسي آ بقا.

تنهنجي هر ناز جي، ناز انداز جي،
پاري فطرت متان ٿي رهي هر ادا.

منهنجي هر گيت جون تون ئي عنوان آن،
چند جهڙا پرين،م هير جهڙا متا.

آءُ هڪ ٿي وجون، آءُ هڪ ٿي وجون،
مان نه "صابر" تون نه ٻيو دلربا.





تنهنجون گلاب يادون،
آيون جناب يادون.

هڪڙي هجي پلايان،
آهن ڪتاب يادون.

سارا گناهه ميٽين،
تنهنجون ثواب يادون.

هر روز من تي اپرن،
ٿي آفتاب يادون.

سانديان ڪٿي مان "صابر"
تنهنجون شباب يادون.

ميڻ وانگي ڳري ٻري ويندي،
آس هڪ آس ۾ مري ويندي.

هن جي پويان لڳي لڳي منهنجي،
هي هلي نيٺ نوڪري ويندي.

دل جي وادي تي غم لهرائيندو،
پاڙو هو جو ڇڏي پري ويندي.

ڪنهنجو ميهار ٿي تہ ڏس تو پي،
تنهنجي سهڻي ٿي ڪا تري ويندي.

دل شڪستو نہ ٿي گهڻو ”صابر“
درد جي هر گهڙي ٽري ويندي.





سهاڻيون ڪي سارون سنياري رنم،
ڳلن تي اکين ڪي سمهاري رنم.

اڄوڪي نہ اهڙي هئي رات جو،
ڏيئن جي بدر پاڻ ٻاري رنم.

اهي پي تہ ڪلندا رهياس مون متان،
جڏهن پي انهن جي سهاري رنم.

نہ آئين ، نہ ائين، پرين،
لڙي شام تائين نهاري رنم.

سچي عمر دل جو ئي دل ۾ رنم،
مگر تهڪ ”صابر“ جيئاري رنم.

اڇو اٿئي تان اڄ تون،
ڇو تہ سياڻي اڇڻي ناهي.

جيسين پيار هي ٻوليندو پيو،
تيسين دنيا مرڻي ناهي.

توکان ڪوئي پردو ناهي،
توکان ڪا سئہ رکڻي ناهي.

جوپين ڪي ئي ٿاندباٽو ڪر،
ور ، ور جوت هي ورڻي ناهي.

جيڪو چاهي ڦيري هن کي،
دل آ هي ڪا ڦرڻي ناهي.

ديس ۾ دلبر خاطر "صابر"،
ڪا وک پٺ تي ڪرڻي ناهي.

www.sindhsalamat.com



روشني ٿي روشني سان غم ونڊي،
آرسي ٿي آرسي سان غم ونڊي.

هوءَ اچي هن جي مان پيرن کي چمان،
هڪ چمي ٿي ٻي چمي سان غم ونڊي.

ڇيهون ڇيهون دل ڪري منهنجي ويو،
ڇوڪري ٿي ڇوڪري سان غم ونڊي.

ڪو نہ هن ۾ ڪا ٻري خوشبو سگهي،
دل لڳي ٿي دل لڳي سان غم ونڊي.

هڪ ٻہ سجدو ڪونہ "صابر" جو اگهيو،
بندگي ٿي بندگي سان غم ونڊي.

www.sindhsalamat.com

پيار وارن تي ڪلين ٿو هوش ڪر!
يار! يارن تي ڪلين ٿو هوش ڪر.

ساڙ سڙيا ديد جو اندو نہ ٿي،
هانوَ ٺارن تي ڪلين ٿو هوش ڪر.

ڪم مٿان تنهن جي بہ پيارن تي ڪلي،
ٻين جي پيارن تي ڪلين ٿو هوش ڪر.

هر اڪيلي جا اهي سنگتي اٿئي،
چنڊ تارن تي ڪلين ٿو هوش ڪر.

اڄ بہ جيڪي سهڻي ڪي سارن پيا،
تن ڪنارن تي ڪلين ٿو هوش ڪر.

ڇهرو "صابر" تون خزان جهڙو ڪري،
ڇو بهارن تي ڪلين ٿو هوش ڪر.





پنهنجي دل ۾ پناهہ ڏي مونکي،
مورڳو ئي يا باهہ ڏي مونکي.

ڪيترو دربدر ٿيو آهيان،
يا خدا! ڪائي واهہ ڏي مونکي.

خودڪشي تي دل ڇوي ٿي پئي،
يار آهين، صلاح ڏي مونکي.

منهنجا جيرا، بڪيون ڇڏي ساڙي،
زهر جهڙي ڪا آه ڏي مونکي.

ڪوجهي جيئڻ کان دل ڪٽي ٿي ٿم،
موت سهڻو، الله ڏي مونکي.

توتان قربان ٿي وڃي، "صابر"،
ٿورڙو ئي تون چاهہ ڏي مونکي.

درد دل جو سهاڳ آ سرتيون،
منهنجو ڪيڏو نہ ڀاڳ آ سرتيون.

ڪنهن گهڙي زندگي گلن جهڙي،
ڪنهن گهڙي ساري آڳ آ سرتيون.

پاڻ رولاڪ هون، هوا وانگي،
پنهنجو هڪڙو نہ ماڳ آ سرتيون.

هو ئي سِندور سيند جي آهي،
هن ئي چپڙن مساڳ آ سرتيون.

زخم هڪڙو هجي سبي ڇڏيان،
جسم ئي داڳ داڳ آ سرتيون.

ماري "صابر" ڪٽي جياري هو،
هن جي هٿ ۾ ئي واڳ آ سرتيون.





خوشبوئن جون گهريون ڪنهن کي پيتا ڏجن،
پوپٽن جون چميون ڪنهن کي پيتا ڏجن.

مٿ ۾ ماپن نہ ٿيون، جهول جهلجن نہ ٿيون،
پيار جون هي لريون ڪنهن کي پيتا ڏجن.

آس هر هڪ پلي، نيڻ پنهنجا ملي،
آجپي جون سٽيون ڪنهن کي پيتا ڏجن.

پنهنجي پنهنجي نہ جي يار ميهر مليون،
سير ۾ جي ٻڏيون ڪنهن کي پيتا ڏجن.

مرڪٽي ٿهڪٽي ڪائي صورت نہ آ،
چنڊ تنهنجون اکيون ڪنهن کي پيتا ڏجن.

سانورا بانورا خواب "صابر" ڪٽي،
جي هلن ٿيون پريون ڪنهن کي پيتا ڏجن.

منهنجي سنڌ امڙ سلامت رهي شل،
ڏور هن کان هر هڪ قيامت رهي شل.

ڏور جي پکين سان، ۽ اپ سان پکين جي،
خدايا! هميشه لئه سنگت رهي شل.

اسان جي حوالي ڪئي جيڪا وڏڙن،
سا، اجرڪ ۽ ٽوپي امانت رهي شل.

ڪچهريون اوطاقون بچن بد نظر کان،
هي سانگين ۽ جهانگين جي دولت رهي شل.

ڏکر ماني پاٽي جو وچبو کٽي پر،
رسي ڪين ڪنهن کان محبت رهي شل.

ڏکي پيو ٽو دشمن،ڏکندو به رهندو،
مگر ٽوري "صابر" کا هشمت رهي شل.





خال آهي وڏو حياتيءَ ۾،
آءُ هڪڙو دفعو حياتيءَ ۾.

مون نه آهي ڏٺو وڪر ڪاٿي،
عشق جهڙو سچو حياتيءَ ۾.

هر نظر کان ڏکار ئي ملندئي،
جي تون ٿيندين ڪسو حياتيءَ ۾.

بي ملها ٿي مرڻ گهرو چو ٿا،
ڪنهن ته ملهه سان جيئو حياتيءَ ۾.

دربدر تنهنجو "صابر" آ،
جنهن نه ماڻيو اجهو حياتيءَ ۾.

آءُ هاڻي پرين پچاڙي آ،
درد، دلڙي گهٽي لتاڙي آ.

زندگيءَ جي حسين هر ساعت،
نانءُ تنهنجي سان مون سلهاڙي آ.

حسن بيشڪ حسن حسن آهي،
عشق ليڪن سدا، اڳياڙي آ.

آنءُ هڪڙو ئي بس ، اياڻو،هان،
باقي دنيا سڄي ڪلاڙي آ.

تون جڏهن ڪان ئي ٿي وئين اوجهل،
هي حياتي تڏهن ڪان ٻاڙي آ.





ڪا پيار جي مند نہ ٿيندي آ،
اظهار جي مند نہ ٿيندي آ.

ڪرگل ڪٿي ٻہ ٿڙي ٿو سگهي،
هٻڪار جي مند نہ ٿيندي آ.

محبوب جواني، ديواني،
اغيار جي مند نہ ٿيندي آ.

ڪن خاص ڏڪايل نيڻ جي،
وسڪار جي مند نہ ٿيندي آ.

هر مند جي مند اٿئي "صابر"،
پر يار جي مند نہ ٿيندي آ.

هن دل جو سندر هر سپنو،
مون پيار جي نانءُ ڪري آ ڇڏيو.

سا، جاءِ جنت ڪان گهٽ ڪونهي،
جت جت ٻـ حسن آ پير ڏنو.

احساس نـ آ جنهن ماڻهو ۾،
پلجي پي نـ ان ڪي ماڻهو چئو.

جو ڪير امڙ جو ملهائي،
تاريخ انهيءَ کي ڏيندي ڪلهو.

ٿي عشق جي اٿت جياري،
ويو دور ٿي دل ڪان هر هڪ پئو.

تون منهنجو نـ ٿي پل اي "صابر"،
مان تنهنجو آهيان بس ها، تنهنجو.





اجا ٻـ توکي اهو گهرون ٿا،
اجا ٻـ توکي ڏسي جيئون ٿا.

اجا ٻـ توتي ڇري اها دل،
اجا ٻـ توتي مري مرون ٿا.

اسان ٻـ ڏاڍا حسين آهيون،
مگر اوهان ٻن ٻسا لڳون ٿا.

عزيز ڏاڍو لڳي ٿو جيون،
جڏهن ٻـ توتي نظر وجهون ٿا.

اسان کي پنهنجي زمين ڏيو بس،
اوهان کي سارو هي اپ ڏيون ٿا.

ڪي پيار جا سارنگ وسڻا هن، ۽ چانڊوڪيون ٻه ڳائينديون،
دردن جي ڏُڌڙ سڀ لهڻا هن، ۽ چانڊوڪيون ٻه ڳائينديون.

هي مند چري جي چيٽن جي، آغوش ۾ وٺندي خوف نہ ڪر،
هي نيڻ نماڻا ڪلڻا هن، ۽ چانڊوڪيون ٻه ڳائينديون.

اي وقت پلي تون رانديون ڪر، پر رانديون ٻه ڪي سهنديون ڪر،
سورهيہ تہ سدائين رهڻا هن، ۽ چانڊوڪيون ٻه ڳائينديون.

اڄ سانون ۾ ڪو ساءُ اڇي، هن جيون منجهہ هڳاءُ اچي،
هر آس جا ڏيئا ٻرڻا هن، ۽ چانڊوڪيون ٻه ڳائينديون.

پکين جون قطارون ڏسجن ٿيون، چو ڦير بهارون ڏسجن ٿيون،
”صابر“ جا سڄڻ جو اچڻا هن، ۽ چانڊوڪيون ٻه ڳائينديون.





ديوانن جا ديرا ڪهڙا،
خوشبوئن جا پيرا ڪهڙا.

توکي زمانا ياد تہ هونداس،
منهنجا پي ها، ويرا ڪهڙا.

سنڌ سدائين لٽجي ٿي پئي،
روز لٽين لٽيرا ڪهڙا.

پکين وانگي پنهنجو جياپو،
پنهنجا يار بسيرا ڪهڙا.

عاشق ماڻهن لئہ اي ”صابر“،
ڪهڙي شام سويرا ڪهڙا.

پو بہ تنهنجي يار آهيان سار ۾،
توڙي جو ميدان آهيان دار ۾.

زندگيءَ جو راز، هوندو آ لڪل،
جِيت جهڙي سهڻي هار ۾.

هن عمر جي ڇا عمر آهي متا،
جا وڃائڻ ٿو گُهرين انڪار ۾.

ڏاڍو هڪ ٻئي جي ٿيا آهن قريب،
جانور ۽ آدمي ڪردار ۾.

گذري وڃڻي هونءَ پي آهي مگر،
زندگي گذري وڃي شل پيار ۾.

تنهن گهڙي ”صابر“ ملي ٿو نئون جنم،
جنهن گهڙي نظرون رهن ٿيون يار ۾.

www.sindhsalamat.com



جاتي سونهن بسيرو آهي،
عشق جو تاتي ديرو آهي.

شاعر جو من ايئن آهي،
اڏندڙ ڇڻ ڪو ڳيرو آهي.

پيار بنا هيءَ يار حياتي،
ڪَتي آهي ڪيرو آهي.

هُنَ جون اکريون ڇمندي ڇمندي،
انگ انگ ٿي پيو ڪيرو آهي.

جي ٿو پڇين تون ڇا هي جيون،
ڪانون جو ڪانگيرو آهي.

حُسن جي اڳيان ڪجھ پي ناهي،
”صابر“ هونءَ مٿيرو آهي.

www.sindhsalamat.com

اسان تي يار جو سانوڻ،
وسي شل پيار جو سانوڻ.

زماني کان الڳ پنهنجو،
رهيو ڪردار جو سانوڻ.

نگاهُن ۾ پناهون ڏي،
ٿري آزار جو سانوڻ.

ڪڏهن ڏئي اورڪون وسندو،
پرينءَ جي پار جو سانوڻ.

حياتي کي ملي معنيٰ،
ڏيو ديدار جو سانوڻ.

گهٽيو ناهي اجا "صابر"،
سچ جي سار جو سانوڻ.





سان جون کهاٽيون ستارن کان پڇجان،
گلن، پوپٽن ۽ بهارن کان پڇجان.

پنيلجي اچن کي ڏسي توکي پونرا،
ته پنهنجن ئي کارن تون وارن کان پڇجان.

اسان جي جڏهن پي اچئي ياد سائين،
ته اپ تي پکين جي اڏارن کان پڇجان.

اسان توکي ڪيڏو سچڻ آهي چاهيو،
پلي پنهنجي ئي تون پيارن کان پڇجان.

اسان نيڻ "صابر" وڇايا ها تو لئه،
اها شاهدي پل تون چارن کان پڇجان.

درد دل جي دوا نه ٿي آخر،
ڪنهن طرح گهٽ سزا نه ٿي آخر.

هن طرف انتهائون ٿيون ڪيئي،
هن طرف ابتدا نه ٿي آخر.

ڪنهن لئہ چنڊ سان ڪري پئي ڳالهيون،
اهڙي هِن ڪان پڇا نه ٿي آخر.

جهول خالي رهيو حياتيءَ پر،
ڪنهن ڪان ليڪن سخا نه ٿي آخر.

منهنجون "صابر" مري وفائون ويون،
بيوفا ڪان وفا نه ٿي آخر.





اسان ئي ابتدا تنهنجي،
اسان ئي انتها تنهنجي.

ڪلي هاڻي نهاريو پي،
سٺي آ، هر سزا تنهنجي.

ڪٿي وڃبا سپئي ڏونگر،
ڪپي ساٿي دعا تنهنجي.

اچي ڏس تون اڱڻ منهنجي،
ڪندس ڇا مرحبا تنهنجي؟

ڪري ٿو لوڪ "صابر" ڇو،
سڙي ايڏي گلا تنهنجي.

هن ڪان ڪٿي اقرار پڳو آ،
هن ڪان رڳو انڪار پڳو آ.

تون ئي صرف وسيلو آهين،
ڏس هُو ڪٿي سنسار پڳو آ.

گلڙن آ ڪيڏي خوسبو،
ڪونہ مگر سرڪار پڳو آ.

مون تہ اکين تي مرڪي رکيو،
هن ڪان جو آزار پڳو آ.

مان ئي سارا درد ٿو ڳايان،
ڪونہ جو هو فنڪار پڳو آ.

آءُ هلي آ، نيڻ يار ڪٿي ڏس،
"صابر" ڪاٿي يار پڳو آ.





پاڻ گهوگهي نہ مار، اي "صابر"
هاڻ هن کي وسار،اي "صابر".

لوڪ سان تون ڪٿي پڇي سگهندين،
سادگيءَ ۾ گذار،اي "صابر"

ان تان! قربان ٿو ٿيڻ چاهين؟
جنهن ڪسيا ٿئي قرار،اي "صابر"

دل کي وندرائي ڇڏ خزائن سان،
تنهنجي ناهي بهار، اي "صابر"

هن جو ڪو ئي اتو پتو ڪونهي،
توکي پر انتظار،اي "صابر"

ڪير ڪنهن جو رهيو نہ آ جڳ ۾،
ويو مري پيار، يار!،اي "صابر"

زندگيءَ ڪان گهٽو پري آهيون،
روشنيءَ ڪان گهٽو پري آهيون.

پنهنجي ڪنهن ساڻ دوستي ڪونهي،
دشنيءَ ڪان گهٽو پري آهيون.

ٿو بسر ٿئي گناهه ۾ جيون،
بندگيءَ ڪان گهٽو پري آهيون.

درد سان خوب آشنائي آ،
پر خوشيءَ ڪان گهٽو پري آهيون.

هي ته خالي رڳو سڏون آهن،
عاشقيءَ ڪان گهٽو پري آهيون.

جيڪا نيٽن ۾ ٿي رهي ”صابر“،
تنهن پريءَ ڪان گهٽو پري آهيون.





شال ماري ڦهاري مرن،
پيسا امن جا پڪيئڙا اڏن.

جيڪي ڌرتي ڏي ميريون ڪڇن،
سي اڪيون شل فنا ٿي وڃن.

سنڌ تنهنجي جياپي سندا،
خواب سندر نه مرجهائجن.

ڌرتي منصور ڏي ڪي چٽي،
حق جا نعرا گجي جي هٽن.

پٽ ڌٽيءَ جي وٺي چيچ مان،
دشمنن تي ڪي مارا ڪجن.

دل نه ”صابر“ ڪڏهن لاهجان،
پيا بگل آجپي جا وڄن.

دل جا ڪيئي فسانا ٿي ويا،
حسرتن جا ترانا فنا ٿي ويا.

مرڪ چپڙن تي آٽي ٻڌي پٽڪيو،
ها، پنهنجا زمانافنا ٿي ويا.

پيار مسمار توڪان نہ ماري ٿيو،
تنهنجا پر سپ نشانا فنا ٿي ويا.

گهرج اڄ ڀي پرين تنهنجي آهي گهٽي،
پهر ليڪن سهانا فنا ٿي ويا.

سنڌ تنهنجي يتيميءَ تي روئان پيو،
چو تہ تنهنجا ديوانا فنا ٿي ويا.

عشق سان عشق دل جو جڏهن ڪان ٿيو،
شوق "صابر" شهانا فنا ٿي ويا.





کهڙيون پڇين ٿو ڳالهيون اي يار زندگيءَ جون،
بيڪار ئي تہ آهن بيڪار زندگيءَ جون.

ڪوئي سرور ڪونهي، بي زيب آ جياپو،
ٻڏيون نہ ڪي ٻہ گهڙيون سينگار زندگيءَ جون.

هر روز ٿيون بدلجن، تنهنجي پرينءَ پڇاڙان،
تصويرون اڃ ڏسي وڃ هڪ وار زندگيءَ جون.

کهڙيون پلا سي عيدون کهڙيون پلا سي ديدون،
کهڙيون پلا اميدون نادار زندگيءَ جون.

اونده اگر جي آهي، آهي تہ پو چاهي،
اٿ ميڻ ٻتيون "صابر" ڪي ٻار زندگيءَ جون.

غمن ساري چاڙهي، جواني اسان جي،
جوانيءَ نہ ماڻي، جواني اسان جي.

ڪڏهن سرت سوپيا جي ويجهو نہ پهتي،
رهي ائين اياڻي، جواني اسان جي.

ڪمانن ۾ تاڻيا ويا تير هوندا،
جڏهن پي اڏاڻي،جواني اسان جي.

نہ ٿي ڪنهن جي سسئي، نہ ٿي ڪنهن جي ليلا،
نہ ٿي ڪنهن جي راڻي،جواني اسان جي.

اهو ڏور ”صابر“ ويو ڏور ڏاڍو،
هئي جنهن پلاڻي، جواني اسان جي.





چند جهڙا پرين هن ڳليءَ مان گذر،
آءُ منهنجي ڪڏهن زندگيءَ مان گذر.

تون جهانن کي لحظي ۾ سمجهي وڃين،
تنهنجو جيڪر ٿئي عاشقيءَ مان گذر.

حسن آ روشني، روشني حسن آ،
روشني ٿي ڪري روشنيءَ مان گذر.

رهزنيءَ جا گهڻا روپ ڏاري ڏنئي،
هاڻ ٿورو سچي رهبريءَ مان گذر.

منهنجون ننڊون تڏهن ڪان اڏامي ويون،
آ، جڏهن ڪان ٿيو اک لڳيءَ مان گذر.

يا ڪنهن کي تہ ڪر، ياد ڪنهن کي تہ ڪر،
ڪجهہ تہ ”صابر“ اٿي بندگيءَ مان گذر.

وري هن کي چاهي خطا ٿو ڪرين،
چريا، او چريا هيءُ ڇا ٿو ڪرين.

ڏنا زخم توکي هئا جن ڳٽي،
انهن کي ڀلا اڄ دعا ٿو ڪرين؟

ڏيان توکي پنهنجي هي دل جي اگر،
ٻڌا! ڪيتري تون ٻها ٿو ڪرين.

جو بت پي مڪمل نہ ٿي آ سگهبو،
اجايو تون ان کي خدا ٿو ڪرين.

اتان ڪجهہ پي ”صابر“ نہ ورڻو اٿئي،
وجي دل جي ڇا ٿي صدا ٿو ڪرين.





چپ رهي ڪين چندن جلايومتا،
ٿورڙو ئي سهي مسڪرايو متا.

هي تہ سر پي تريءَ تي رکيون ٿو وتي،
ڇو چريئي کي پيا آزمايو متا.

ڪونہ توکي وڻيو هو ڪڏهن شخي جو،
ان تہ صحرا وجي آ وسايو متا.

ايڏو عاري نہ ”صابر“ رهو پيار کان،
پيار ڏي پيار سان وک وڌايو متا.

زاهدن جا ثواب سجدا ڏين،
سونهن کي ٿا گلاب سجدا ڏين.

سنڌ توکي امر شهيدن جا،
خون وهنداس ٿا خواب سجدا ڏين.

ڇهري هڪڙي تلور جهڙي کي،
باز ۽ ٿا عقاب سجداڏين.

تنهنجي ڇهري ڪتاب سهڻي کي،
ڇو نہ سارا ڪتاب سجدا ڏين.

جاءِ دل ۾ ڏني تنهن "صابر" کي،
جنهن کي جڳ جا نواب سجدا ڏين.





ڇا تہ لٽيون وجود منهنجي ۾،
تنهنجون اکيون وجود منهنجي ۾.

کهڙي چوري ڀلا مان باسيان ڇئو!
ڪيئي چوريون وجود منهنجي ۾.

پيار تنهنجو ڀري ويو آهي،
سپ ڪٽوريون وجود منهنجي ۾.

اي خدايا! هي تون ئي ميٽيندين،
جيڪي ميريون وجود منهنجي ۾؟

ياد تنهنجي ۾ ٿيون وڃن "صابر"،
روز ڇيريون وجود منهنجي ۾.

جن شوق ڇڏيا هن شاهانا،
شل توکي وڻن سي ديوانا.

سا شمع سلامت رهڻي آ،
جنهن تي پهرو ڏين ٿا پروانا.

مان هوش کان ٻاهر، هوش ۾ هان،
منهنجا خيال سمورا رندانا.

هر سونهن اچي ٿي توتي ڪٺي،
ٻيا مڙيئي ته آهن افسانا.

جي مستين تان هٿ وينا ڪڻين،
تنهنجي مرڪ ڪيا سڀ مستانا.

هڪ يار جا نيڻ ئي "صابر" لئه،
هن ڪوجهي حيات جا دوگانا.





هن پار جي اي شام ڪو،
ڪنهنجو ٻه ڏي پيغام ڪو.

ڳاڙهاڻ آهي ٿي وئي،
ٿيو آ ڪٿي قتلام ڪو.

مون جان ڪٿي تو آ ڏني؟
ها ها، چئو بدنام ڪو.

ڇڏ عشق جي پائو پچر،
وچ پيو ئي ڪڻ الازم ڪو.

پنهنجي هٿن سان پيار اڄ،
"صابر" کي سهڻا جام ڪو.

چنڊ ڪان چانڊني ڀي ڪڏهن ٿي جدا؟،
تون ٻڌا، تون ٻڌا، تون ٻڌا.

اي پکين جا ولر ساڻ وٺيون هلو،
اجنبي آدميءَ جي ميجيو التجا.

غم وجي غم ڪيان، ائين چو غم ڪيان،
روز غم جي گهلي ٿي اجان پئي هوا.

آ گلن ۾ هلون، پوپٽن سان ملون،
او متا، او پرين، دل گهريا، دلربا.

يار آيو اڱڻ مرڪ جي سات ۾،
چو نہ "صابر" ڪري مرحبا مرحبا.





آءُ توکي مان گيتن سان ريجهائيان،
تنهنجي نس نس ۾ ڪا آڳ ڀڙڪائيان.

آءُ توکي مان دل جو گهمايان چمن،
آءُ توکي گلابن سان مهڪائيان.

آءُ توکي ڪي چانڊوکيون ارپيان،
آءُ توکي ستارا هي پهرائيان.

آءُ توکي پکين جون اڏارون ڏسيان،
آءُ توکي بهارن سان وندرائيان.

آءُ توکي جوانيءَ جو "صابر" قسم،
آءُ توکي تہ اکڙين ۾ ترسائيان.

هي سنسار ۾ پيار سپنو اٿئي،
هي وهوا سنڌي ڪار سپنو اٿئي.

هي اقرار، انڪار سپنو اٿئي،
اهي سهسين سينگار سپنو اٿئي،

سڪن جون بسنتون بہ سپنو اٿئي،
۾ دردن جا انبار سپنو اٿئي.

سڳنڌن تي ميڙا بہ سپنو اٿئي،
اهو سڀ جو سڀ يار سپنو اٿئي.

نہ ڪنهن جي صبح آ نہ ئي شام ڪا،
هي پهرن جا سهڪار سپنو اٿئي.

تون "صابر" رڳو جنهن جا پيو گيت چئين،
اهو پي تہ دلدار سپنو اٿئي.





زندگي جو سفر مختصر مختصر،
روشني جو سفر مختصر مختصر.

ڇا ڪري وئين پرين؟ ڇو ڪري وئين پرين؟
دوستي جو سفر مختصر مختصر.

واءُ جان ناچ ڪر، رقص ڪر، ڇير پاءِ،
آ وهي جو سفر مختصر مختصر.

آءُ مرڪي ڪريون، آءُ مرڪي ڪريون،
دشمني جو سفر مختصر مختصر.

غم جو "صابر" سفر ٿيندو آهي وڏو،
پر خوشي جو سفر مختصر مختصر.

عشق ڪرڻ جي موسم آهي،
مجنون ٿيڻ جي موسم آهي.

ڏيئي وانگر رات سموري،
ڪنهن لئه ٻرڻ جي موسم آهي.

روز جيئڻ جي موسم آهي،
روز مرڻ جي موسم آهي.

مونکي نچڻ کان ڪير نه روڪي،
منهنجي نچڻ جي موسم آهي.

گيت چوڻ جي موسم آهي،
جام پيئڻ جي موسم آهي.





نغما نغما منهنجون سوچون،
جلوا جلوا منهنجون سوچون.

چنڊ ٿو مون سان گڏجي مرڪي،
ڪرڻا ڪرڻا منهنجون سوچون.

جذبن جي مان وادي آهيان،
پڙلا پڙلا منهنجون سوچون.

نفرت جي هر روز تپش ۾،
پاڇا پاڇا منهنجون سوچون.

هي يي منهنجو هي يي منهنجو،
رشتا ناتا منهنجون سوچون.

مون کان پو يي رهنديون "صابر"،
سپنا سپنا منهنجون سوچون.

اگهاڙي بدن جي کهاٽي اسان،
لٽيل ڪنهن چمن جي کهاٽي اسان

بهارن کي سڪندي زمانا ٿيا،
سرءُ جي صحن جي کهاٽي اسان.

نہ سرمو آ پاتو ڪڏهن پي انهن،
نماٽين اکين جي کهاٽي اسان.

بنا ڏوهہ ماريا ويا روڊ تي،
انهن سورمن جي کهاٽي اسان.

جي موسم کان اڳ ۾ ڇٽي ٿا وڃن،
کچن تن گلن جي کهاٽي اسان.

نہ ”صابر“ لکي ۽ نہ ڪنهن ڪٿ پڙهي،
ڪا اهڙي ڏکن جي کهاٽي اسان.





اجا آسائتو آهيان،
اجا توکي پيو چاهيان.

اجا دردن جي ڦندن سان،
پيو ٿو پاڻ کي ڦاهيان.

وري ٿاهڻ جي لاءِ ڏس،
وري ٿو پاڻ کي ڊاهيان.

اکين ۾ خواب جي سرجيا،
اهي ڳوڙهن ۾ ٿو واهيان.

جڏهن کان چت سنڀاليو ٿم،
تڏهن کان سک سٿو ناهيان.

سندءِ دم ساڻ هان ”صابر“،
بنا تنهنجي سڄڻ چاهيان.

پيار سمندر پيرا ڪنارو،
پيار سان جوڙيل جڳ هي سارو.

پيار جي موسم هر ڪا موسم،
پيار نہ ڇاڻي سرءُ سيارو.

پيار جي پويان روز رهي ٿي،
جڳ جي وارو وارو، وارو.

ڪارا ماڻهو روز ڪهن ٿا،
پيار کي سمجهي ڪاري ڪارو.

پيار دلين ٽوڙي، ٽنيو،
پيار دلين جو آهہ سهارو.

پيار ۾ پريت ڪان نفرت جن کي،
تن جو جيون آهي ڪارو.

پيار جي خوشبو سان ٿو چاهيان،
“صابر” واسيان هرڪ ڇارو.





اڻ لڪئي احساس پويان زندگي،
ٿي ٻڪي بنواس پويان زندگي.

جنهن ڏکي آڙاهہ ۾ توکي ڇڏيو،
پو بہ تون ان آس پويان زندگي؟

سانوڻي جي شام مونکي ٿي وڏي،
ڇو پئي آن ماس پويان زندگي؟

ڪونہ تنهنجي نياز نوڙت پئي قبول،
هڙ وڃايئي خاص پويان زندگي؟

هڪڙو “صابر” موتيو محبوب ڪر،
ٻي نہ رولج واس پويان زندگي؟

پيار آهي زندگاني پيار ڪر،
ناهي پيارا پيار فاني پيار ڪر.

آ قبولج حسن! منهنجي عشق کي،
تي وجي اڄ مهرباني پيار ڪر.

پيار وارن لئه اجر آ پيار جو،
آ حڪم هي آسماني پيار ڪر.

روز توکي ٿي سڄڻ منتون ڪري،
منهنجي اڄ جهل هي جواني پيار ڪر.

ان سان "صابر" ساهه جون تندون جڙيون،
جنهن جو ناهي ڪوئي ثاني پيار ڪر.

www.sindhsalamat.com



آءُ اسان جا نيڻ پرن تا،
آءُ صدين جا خواب سڙن تا.

احساسن جا روح ٿيا زخمي،
ڪيرن جهڙا قدر لڇن تا.

قوم جا ليڊر ڪا ٿي آهين؟،
ڪيڏا مڙس متير مرن تا.

تن کي روڪي ڪير نه سگهندو،
سونهن ڏي جيڪي پير سرن تا.

موڳو موڳو ڪهڙو جيئڻ؟،
جيءَ ائين جئن گل ٽڙن تا.

پيار سان ماڻهو، ماڻهو ٿيندو،
چار ئي دفتر ايئن چون تا.

تنهنجي ذات کان ڪانئر ماڻهو،
ڪيڏو "صابر" ونءُ وڃن تا.

www.sindhsalamat.com

اک اجاري اٿم دلڏکاري اٿم،
ڪوڻ ڪڏهين مگر هاج هاري اٿم.

سوجهرا ان مان ڪيئي تہ ڦٽندا پيا،
ٻاٽ ۾ لاٽ اڄ جيڪا ٻاري اٿم.

عشق سان پيار آ، جڳ سان وهنوار آ،
عشق جي دم سان هر دم بهاري اٿم.

رت روئاريو اٿس، ماس ڳاريو اٿس،
زندگي اهڙي آ، پو بہ پياري اٿم.

يار، ياري جي عظمت کي لوئڻ پيا،
تنهنڪري پاڻ سان هاڻ ياري اٿم.

ان سيد پور کي "صابر" چڏڻ آ ڏکيو،
جنهن جي شفقت ۾ هي عمر گهاري اٿم.





عشق جي واٽ ٿو نهاريان مان،
زندگي ائينپيو پڪاريان مان.

آڏو پٽ ۽ پٽيان ڪان دوزخ آ،
زندگي ائين پيو گذاريان مان.

روز جيئڻ جي واسطي جيڏا،
پاڻ کي پاڻ پيو ٿو ماراين مان.

هينئڙو لوڻ جيان ڳري ويو آ،
پو بہ توکي نٿو وساريان مان.

چنڊ منهنجي اڱڻ اچي ٿو اڄ،
تنهنڪري گهر پيو سنواريان مان.

درد "صابر" تہ سونهن آ سک جي،
درد کي دل مان ڪئن ڏڪاريان مان.

اسان جو عشق ديوانو،نچي هر شام ڏاري ڏس،
چپن تي چاڙهي مئخانو، نچي هر شام ڏاري ڏس.

فقيرن جي فقيري ۾ رڳو توحيد آ شامل،
ڏسو ڏئي ڏيان بي ڏيانو،نچي هر شام ڏاري ڏس.

اهو منصور جو پيچي، اهو دارا جو دلبر آ،
انهيءَ جو روح رندانو،نچي هر شام ڏاري ڏس.

پچڻ کي جو پچائي ٿو، اهو ڪم عشق جو آهي،
پچي ٿئي راس پروانو، نچي هر شام ڏاري ڏس.

مٺا محبوب! ”صابر“ کي لڳن پٿر ڏسين بيٺو؟،
ٿئي ٿو روز نيشانو،نچي هر شام ڏاري ڏس.

www.sindhsalamat.com



هڪ پيار جي تلاش ۾ هڪ پيار ويو مري،
هڪڙي حسين خواب جو سينگار ويو مري.

دشمن تہ آهي دشمن ان تي ميار ڇا؟،
اڄ يار! يار جي هٿان هڪ يار ويو مري.

ڪنهن چنڊ ۽ چڪور جي ميلاپ کي ڏسي،
پوري عيال سوڌو اغيار ويو مري.

جنهن عشق ساڻ جهيڙيو، جنهن عشق آ ڇيڙيو،
سو ٿڪجي ٽڪجي نيٺ ڪائي هار ويو مري.

جنهن جي جڏهن جتي پيي دل تي ٽٽي پوي،
ان لاءِ ڇڻ تہ ”صابر“ سنسار ويو مري.

www.sindhsalamat.com

خوشبو ڪنهن جي آهہ هوا ۾،
ڪنهن وڏو هي ساهہ هوا ۾.

جيئن هن پئي آهون پريون،
شامل ٿي وئي باهہ هوا ۾.

جئن ئي ڪنهن بندوق هلائي،
ڪاڏو ڳيريءَ ٿاهہ هوا ۾.

پونئرا ٿي بيچين پون ٿا،
وار نہ پنهنجا ٿاهہ هوا ۾.

منهنجي گهر ۾ ايندي رهندي،
”صابر“ جو ويساهہ هوا ۾.





هاڻي رهنداسين ريگزارن ۾،
دل لڳي ئي نہ ٿي بهارن ۾.

درد ۾ جو مزو مليو آهي،
اهڙو ڪاٿي هيو قرارن ۾.

بخملي پير تون پري ايندين،
دل وڇايان ٿو تنهنجي چارن ۾.

نيڻ هر هر ڪٽي پيو گهوري،
ڇا تہ جادو هيس نهارن ۾.

هوش مان ٿو ڪڏي ڇڏي ”صابر“،
ٿو رهان روز مان خمارن ۾.

ڪونهي ڪا آسيس،
رڻ ٿي جهاڳي زندگي.

عشق سان ڪهڙو آ حساب،
عشق اڳيان ڇا سيس،
رڻ ٿي جهاڳي زندگي.

ساري جڳ ۾ تون حسين،
تنهنجو ڪو ٻـ نـ جيس،
رڻ ٿي جهاڳي زندگي.

”صابر“ ڪنهن تي ڪين ٿئي،
ڪربل وارو ڪيس،
رڻ ٿي جهاڳي زندگي.

هر پل تنهنجي سڪ،
منهنجي آهي ساهه کي.

ٻين کان پردو ٿم پرين،
توکان ڪانهي لڪ،
توکي پيي شل ٿي پوي،
جيڪر منهنجي ڇڪ،
سهڻا، ساجن، سانورا،
رات اڇي ڪا ٿڪ،
آءُ پيارج، پيار جي،
”صابر“ ٻيهر پِڪ.

هر پل تنهنجي سڪ،
منهنجي آهي ساهه کي.





هڪڙو پيي ارمان،
دل جو پورو ڪونه ٿيو.

پرزا پرزا ٿي ويو،
خوابن جو گلدان،
سڪ جا وڻ ئي ويو پٽي،
دردن جو طوفان،
ڪير وساريندو ڀلا،
عشق سندا احسان،
ڪنهن نه وڌا ڪت جهول ۾،
پيار پريت جا دان،
ڪنهن تي هر دم ٿو رهين،
”صابر“ هئين مستان.

هڪڙو پيي ارمان،
دل جو پورو ڪونه ٿيو.

اڪيون ڪيڏا، آر،
تو نہ سڃاتا ڇو الئي.

نچڻا، ڪڏڻا، مهڪڻا،
جوين جا اظهار،
تو نہ سڃاتا ڇو الئي.

هن تي سوچان ٿي رڳو،
اجرا سي سينگار،
تو نہ سڃاتا ڇو الئي.

ماکيءَ جهڙا ها مٺا،
منهنجا توئي پيار،
تو نہ سڃاتا ڇو الئي.

ساري جڳ سان مون ڪيا،
"صابر" پئي تڪرار،
تو نہ سڃاتا ڇو الئي.





اونده جا لتاڙي گهيڙ!
پرڀات ڪي پڄڻو آ.

تاريخ چميون ڏيندئي،
جي وڙهندين حصي جي ويڙهہ!
وارث بہ انهيءَ جو سو،
جنهن ڪيڙي عمر پر ڪيڙ!
ڌرتي ٿي وڃئي ڪسبي،
پر تنهنجي اها ڏند ٿيڙ!
هن قوم جا سڀ ليڊر،
"صابر" ليڙ جو ليڙ!

اونده جا لتاڙي گهيڙ!
پرڀات ڪي پڄڻو آ.

ڪيڏي هير هڳاءُ،
پوءِ پي منڙو هيڪلو.

آيل! منهنجي ميت ڪي،
ڪونهي چو ڪهڪاءُ،
ڪيرن جهڙي سنڌ سان،
سڀ جو چو انياءُ،
آءُ ته توتان واريان،
جوين جا سڀ ساءُ،
”صابر“ ساڙي عشق جو،
لونءَ لونءَ ڪي ٿو تاءُ،

ڪيڏي هير هڳاءُ،
پوءِ پي منڙو هيڪلو.





ساڳي آهه اڪير،
ساجن تولئه ساهه ڪي.

سرهو سرهو لوڪ پر،
آنءُ رڳو دلگير،
سات نه جنهن جو ديس سان،
سو ئي آ خنزير،
تن ئي منهنجو سمنڊ آ،
تون ساحل تون وير،
مرڪ ته ”صابر“ ٿي پوي،
جيون ڪندون ڪير،

ساڳي آهه اُڪير،
ساجن تولئه ساهه ڪي.

نيت ته ٿيندو داد،
پورهيت ۽ مزدور جو.

رت ست ڏئي ٿو رکي،
پورو عالم شاد،
ماڻي وٺبو آجپو،
وڃندا ڇو ڏس ناد،
پنهنجي پنهنجي ديس لئه،
آهن هي فولاد،
اول آخر باخدا،
پورهيت زنده باد،

نيت ته ٿيندو داد،
پورهيت ۽ مزدور جو.





هيڏا لاڳاپا،
هڪ ئي ڏک ۾ ٿوڙيئي.

توکي هت ڇا آئيو،
منهنجارانديڪا،
هڪ ئي ڏک ۾ ٿوڙيئي.

ڪنهن جي ڇئي تي اوپرين!
هي رشتا گهاٽا،
هڪ ئي ڏک ۾ ٿوڙيئي.

سانديا ها جي ساهه ۾،
ڏس ڪيڏا سپنا،
هڪ ئي ڏک ۾ ٿوڙيئي.

"صابر" منهنجي پيار جا،
ڇو ڪچڙا گلڙا،
هڪ ئي ڏک ۾ ٿوڙيئي.

منهنجو حد حساب،
چاٽي ڪنهن بہ نہ چاتو.

پنڇيءَ جهڙو پاڪ هو،
اکڙين منجهہ خواب،
چاٽي ڪنهن بہ نہ چاتو.

سڙي سارو لوڪ تو،
ڪنهن جو هان احباب،
چاٽي ڪنهن بہ نہ چاتو.

ڪيئن اچ پورو تي ويو،
ويچاري جو باب،
چاٽي ڪنهن بہ نہ چاتو.

"صابر" جيون سوال هو،
۽ جيون پاڻ جواب،
چاٽي ڪنهن بہ نہ چاتو.





چا پرايو چا وچايو،
زندگيءَ سان چا حساب.

دلربائن جي طرف کان،
جو مليو مون سيني لايو،
زندگيءَ سان چا حساب.

جنهن ۾ ڪو سنگيت ڪونهي،
تنهن کي ڏئي سر تار ڳايو،
زندگيءَ سان چا حساب.

درد جو آ دار تي پئي،
جنهن هميشہ آزمايو،
زندگيءَ سان چا حساب.

روز رابيلن سان "صابر"،
مون بہ هن کي پئي سجايو،
زندگيءَ سان چا حساب.